تنقيد تي تحقيقي مقالو

# ادب جي نفسياتي تنقيد

## Psychological Criticism of Literature

احمد سومرو ـــ (ڪراچي يونيورسٽي)
sindhipoet@hotmail.com

وائيس آف سنڌ برقي ڪتاب گهر
WWW.VOICEOFSINDH.NET
editor@voiceofsindh.net

## نفسيات :

اڪثر ماڻهو اهو خيال ڪندا آهن تہ نفسيات محض ڪو ذهني بيمارين جو علم آهي، جنهن جو تعلق صرف ۽ صرف ذهني بيمارين جي علاج سان آهي. ماڻهو اهو سوچي ئي هن علم کي تنگ نظريءَ سان ڏسندا آهن تہ علم نفسيات جي ڄاڻ ڪين مختلف ذهني مونجهارن ۽ اذيتن ۾ مبتلا ڪري سگهي ٿي. اهي اسان جي سماج ۾ پيدا ڪيل اهي غلط مفروضا آهن، جن جي ڪري نفسيات جهڙو علم اسان جي ملڪ ۾ ڪا خاطر خواهہ ترقي ڪري نہ سگهيو آهي ۽ نہ وري نفسياتي تنقيد اسان جي ادب ۾ باضابطا نموني سان رائج ٿي سگهي آهي.

نفسيات انسان جي انفرادي ۽ اجتماعي روين جي اڀياس جو سائنسي علم آهي. نفسيات جو بنيادي مقصد ذهن جي ڪارڪردگي ۽ ذهن ۽ جسم جي باهمي تعلق جو اڀياس ڪرڻ آهي. انسان جو ذهن ئي سڄي انساني زندگي ۽ سماجي نظام جو بنياد آهي. انسان جا انفرادي توڙي اجتماعي رويا ۽ سياءَ هن پوري نظام جي هلڻ جو سبب آهن. تنهنڪري نفسيات کي رسمي طور هڪ سماجي سائنسي علم جي حيثيت حاصل آهي، ڇاڪاڻ تہ نظام حيات ۽ سماج جو اڀياس ان ذريعي ئي ڪري سگهجي ٿو.

علم نفسيات کي عام طور تي هنن لفظ ۾ واضح ڪيو ويندو آهي:

”اها سائنس جيڪا ذهني عمل ۽ رويي سان تعلق رکي.“ (1)

علم نفسيات کي انگريزي ٻوليءَ ۾ سائيڪالاجي (Psychology) چيو ويندو آهي، جيڪو يوناني ٻوليءَ جي ٻن لفظن ”سائڪي“ (Psyche) بمعنيٰ ”ذهن“ (Mind) ۽ ”لاجي“ (Logy) بمعنيٰ ”اڀياس“ (Study) مان جڙيل آهي. اهڙيءَ طرح سائيڪالاجي لفظ جي مڪمل معنيٰ آهي ”ذهن جو اڀياس“ (Study of Mind).

نفسيات بنيادي طور تي نفس ۽ روين جو سائنسي علم آهي. هي هڪ وسيع علم آهي جيڪو صرف علاج معالجي تائين محدود نہ آهي بلڪ هن ۾ انساني ذهن، ان جي ڪارڪردگي، رويا ۽ انساني زندگيءَ جي سڀئي پهلو اچي وڃن ٿا. نفسيات ذريعي ذهن جي ڪارڪردگي کان وٺي ماحول (جنهن ۾ انسان رهي ٿو) تائين جو جائزو ورتو ويندو آهي. پنهنجي وسعت ۾ هي علم لامحدود آهي، جيئن انساني ذهن جي ڪارڪرگيءَ جو اندازو يا ماپ نہ ٿي ڪري سگهجي تيئن هن علم جون بہ حدبنديون نہ ٿيون ڪري سگهجن ڇاڪاڻ تہ هن جو تعلق بہ ذهن سان آهي.

نفسيات جو ذهن جي اڀياس سان متعلق هجڻ جي ڪري هن جو دائري ڪار انتهائي وسيع ۽ گهڻ رخو آهي. هن ۾ انساني روين کان سواءِ آگاهي (Perception)، ادراڪ (Cognition)، جذبات (Emotions)، شخصيت (Personality) ۽ ماڻهن جي وچ ۾ رابطن (Interpersonal Relationships) کي پڻ اڀياس ۾ آندو ويندو آهي. عقل ۽ فطرت پڻ نفسيات جا موضوع يا شعبا آهن. نفسيات ذريعي انهن رازن تان پردو کنيو ويندو آهي جيڪي نامعلوم هوندا آهن.

## نفسياتي تنقيد / اپياس :

”انساني فهم ۽ ادراڪ لاءِ تنقيد ايتري قدر اهم آهي جو ٽي.ايس.ايليٽ ان کي ساهه جيان ضروري سڏيو آهي. انساني فهم ۽ ادراڪ جي پهلوئن مان تخليقي ادب صرف هڪ آهي پر انساني شخصيت لاءِ ايترو اهم آهي جو ان کان سواءِ انساني زندگيءَ جو تصور ئي محال آهي. جيڪڏهن ادب انساني احساسن جي تهذيب جو نالو آهي ته ادبي تنقيد وري ان تهذيب جي سونهن کي اجاگر ڪندي آهي.“ (2)

تنقيد ڇا آهي؟ هن موضوع تي سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي، تنهنڪري هتي تنقيد جي وضاحت ڪرڻ ضروري نه آهي. تنقيد جي اهميت تي به سنڌيءَ ۾ گهڻن نقادن قلم کنيو آهي تنهنڪري اهو موضوع به بحث هيٺ آڻڻ لازمي نه آهي. هتي اسان جو موضوع ڇاڪاڻ ته نفسياتي تنقيد ۽ اپياس سان لاڳاپيل آهي تنهنڪري صرف نفسياتي تنقيد ۽ ان جي مقصد تي بحث ڪجي ٿو. نفسياتي تنقيد کي نفسياتي نظرين ذريعي سمجهڻ ۾ مدد ملندي، جيڪي اڳتي ترتيب وار بيان ڪبا. هتي سڀ کان پهريان نفسياتي تنقيد ۽ اپياس جي اهميت ۽ طريقي ڪار تي مختصر انداز ۾ نظر وجهجي ٿي.

ادب جي ٽين تنقيدن جهڙوڪ: رومانوي تنقيد، جمالياتي تنقيد ۽ سماجياتي تنقيد جيان نفساتي تنقيد به هڪ اهم شاخ آهي. تنقيد جي ٽين قسمن ۾ فن ۽ فڪر جي پروڙ مقرر ڪيل اصولن تحت ڪئي ويندي آهي، جيئن رومانوي نقاد ڪنهن به تخليقي فن پاري مان رومانويت جي تلاش ڪري ان جي معيار جو تعين ڪندا آهن. جمالياتي نقاد وري تخليق جي جماليات تي غور ويچار ڪندا آهن ۽ سماجياتي نقاد وري ادب جي سماجي ڪارج جي پروڙ ڪندا آهن. انهن سڀني قسمن جي پيٽ ۾ ادب جي نفسياتي تنقيد مختلف آهي، جنهنجو بنياد اڻوهين صدي عيسويءَ ۾ پيو، جڏهن نالي واري نفسياتدان سگمنڊ فرائيڊ، نفسيات جي علم کي فلسفي کان ڌار ڪري هڪ جدا علم جي حيثيت ۾ متعارف ڪرايو. نفسياتي تنقيد ۽ ٽين قسمن جي تنقيدن ۾ فرق اهو آهي ته ٽين تنقيدن ڪن فڪري لاڙن ۽ تحريڪن مان جنم ورتو جڏهن ته نفسياتي تنقيد علم نفسيات جي هڪ ضمني شاخ آهي. جديد نفسيات ۾ شخصي تصورن جو رجحان ۽ ادب ۽ ٻين تخليقي فنن جو تجزيو ڪرڻ نفسيات جي اپياس ۾ شامل آهي تنهنڪري نفسياتي تنقيد ٻين تنقيدن جي پيٽ ۾ ادب ۽ فن جي وڌيڪ ويجهو آهي. ادب لاشعور جي پيداوار هوندو آهي تنهنڪري ادب تي صحيح معنيٰ ۾ تنقيد توڙي تحقيق به نفسياتي اصولن تحت لاشعوري محرڪن جي ڳولا ذريعي ئي ڪري سگهجي ٿي. ٻي صورت ۾ ڪيل تنقيد ۽ تحقيق محض سطحي محسوس ٿيندي.

فرائيڊ هڪ نفسياتي معالج هو. هن نفسياتي بيمارين جي علاج خاطر هڪ نئون علاج جو طريقو تخليق ڪيو، جنهنکي ”تحليل نفسي“ (Psycho Analysis) چئجي ٿو. فرائيڊ لاشعور جي دريافت ڪري، تحليل نفسي جي طريقي ذريعي ڪيترن ئي نفسياتي مريضن جو ڪامياب علاج ڪيو، جنهنجي ڪري نفسيات جي دنيا ۾ هڪ نئون انقلاب برپا ٿي ويو ۽ تحليل نفسيءَ جي نظريي زندگيءَ جي هر شعبي کي متاثر ڪيو.

”فرائيڊ تحليل نفسي جو نظريو خاص ادبي تنقيد لاءِ نہ ڏنو هو، نہ ئي هن نظريي سان وابستہ مقصدن ۾ ادبي تنقيد سرفهرست رکي. دراصل ڪجھ نظرين ۾ ايتري آفاقيت هوندي آهي جو اهي زندگيءَ جي ٻين شعبن تي بہ اثرانداز ٿيندا آهن. لاشعور جو تصور بہ اهڙو ئي عالمگير تصور ثابت ٿيو. جڏهن لاشعور انساني شخصيت جي تشڪيل جو محرڪ ثابت ٿيو تہ هر اهو پاسو جنهن جو انساني شخصيت سان پري جو بہ ڪو تعلق هو، هن تصور کان اثر انداز ٿيڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيو. ادب تہ آهي ئي انساني شخصيت جو اظهار، پلا اهو ڪيئن نہ متاثر ٿئي هان. اهڙيءَ ريت نفسيات جي اثر هيٺ ادب جي پرک جي جن طريقن جنم ورتو، انهن کي نفسياتي تنقيد جو نالو ڏنو ويو. مختصر طور جيڪڏهن نفسياتي تنقيد جي تعريف ڪرڻ مطلوب هجي تہ ان کي ادبي شخصيتن ۽ تخليقن ۾ لاشعوري عملن ۽ نفسي محرڪن جي کمن جو اڀياس چئي سگهجي ٿو.“ (5)

جيتوڻيڪ فرائيڊ جي وضح ڪيل نظرين مطابق نفسياتي تنقيد جو سلسلو شروع ٿيو پر نفسياتي تنقيد رڳو فرائيڊ جي نظرين جي ذريعي ئي نہ ڪئي ويندي آهي بلڪ ٻين نفسياتدانن جي نظرين تحت پڻ ڪئي ويندي آهي. فرائيڊ پنهنجي نظرين جي وضاحت خاطر ادب مان مثال پيش ڪندو هو. هن ڪيترن ئي اصطلاحن جي سمجهاڻين لاءِ شيڪسپيئر جي ڊرامن مان مثال پيش ڪيا. اهڙيءَ طرح هن پاڻ ئي هن سلسلي جو بنياد وڌو. پر اتي اها ڳالهہ واضح رهي تہ فرائيڊ ڪو اديب يا پيشيور نقاد نہ هو، هن تہ صرف پنهنجي نفسياتي نظرين جي سولي سمجهاڻي خاطر ادب کي وسيلي طور استعال ڪيو. فرائيڊ ادب جي انساني زندگيءَ ۾ اساسي اهميت جو قائل هو. هڪ پيرو هن اهو چيو هو تہ جيڪڏهن هو نفسياتدان نہ هجي يا تہ يقيناً اديب هجي ها.

فرائيڊ جي وفات کان پوءِ نفسياتي تنقيد وڌيڪ زور ورتو. ڪيترن ئي ادبي نقادن نفسياتي اصولن کي پنهنجائي ادبي تخليقن جو نفسياتي اڀياس ۽ اديبن جي نفسياتي لاڙن کي پرکڻ جو سلسلو شروع ڪيو. ويهين صديءَ جي وچ ڌاري نفسياتي تنقيد تقريباً سڄي دنيا ۾ رائج ٿي چڪي هئي.

ادبي تخليق انسان جي ذهن جي پيداوار هوندي آهي، تنهنڪري نفسياتي تنقيد يا اڀياس جي ذريعي تخليق ۽ تخليقڪار جي ذهني لاڙن، سوچ جي طريقن ۽ سندس لاشعوري محرڪن جي ڳولا ڪئي ويندي آهي.

نفسياتي تنقيد جو اصطلاح جيتوڻيڪ ويهين صديءَ ۾ وجود ۾ آيو پر ان کان پهريان بہ ان قسم جي تنقيد جا مثال جمالياتي ۽ رومانوي تنقيد ۾ ڪنهن حد تائين ملن ٿا.

ادب جي نفسياتي تنقيد کان پهريان، رومانوي تنقيد يورپ ۾ عام مقبول هئي. اها پڻ نفسياتي پهلوءَ کان محروم نہ هئي بلڪ ان طريقي ذريعي پڻ تخليقڪار جي رومانويت جي پروڙ ڪرڻ خاطر نفسيات جا اڳوڻا اصول استعمال ڪيا ويندا آهن. سموئل ڪولرج (1772-1834) اهو پهريون رومانوي شاعر ۽ نقاد هو، جنهن سڀ کان پهريان پنهنجي تحريرن ۾ لفظ ”نفسيات“ جو استعمال ڪيو ۽ پنهنجي مشهور نظم **Kubla Khan** کي ”نفسياتي عجوبو“ (Psychological Curiosity) سڏيائين. سندس رومانوي تحريرن ۾ نفسياتي تنقيد جي اهميت جو تصور موجود آهي. شايد انهيءَ ڪري ئي ڪجھ يورپي نقاد، نفسياتي تنقيد کي رومانوي تنقيد جي ترقي يافتہ صورت پڻ سڏيندا آهن.

ادب جي نفسياتي تنقيد جو بنياد فرائيڊ کان سواءِ ڪارل جُنگ ۽ ايلفريڊ ايڊلر ۽ ٻين ڪيترن ئي نفسياتدانن جي نظرين تي ٻڌل آهي. فرائيڊ تحليل نفسي ذريعي ادب جي لاشعوري محرڪن ۾ جنسيت ۽ دٻايل جنسي خواهشن کي اولين اهميت ڏني. فرائيڊ جي نقط نظر سان اختلاف ڪندي جُنگ وري اجتماعي لاشعوري ۽ اساسي نقشن جو تصور پيش ڪيو. ايڊلر وري احساس ڪمتري کي ادب جي تخليق جي بنياد طور سمجهايو.

موجوده دور ۾ ادب جا نفسياتي نقاد انهن ٽنهي عظيم نفسياتدانن جي تصورن تحت ادب جي نفسياتي تنقيد ۽ اديبن جو نفسياتي اڀياس ڪندا آهن. اهي ٽئي عظيم نفسياتدان جيتوڻيڪ ان ڏس ۾ الڳ الڳ شعبن جي حيثيت رکن ٿا پر اڄ به فرائيڊ ۽ سندس تحليل نفسيءَ کي وڌيڪ اهميت حاصل آهي.

فرائيڊ، جُنگ ۽ ايڊلر کان سواءِ ٻين به ڪيترن ئي نفسياتدانن جا تصور ادبي تنقيد ۾ اهميت رکن ٿا، پر انهن جا تصور ان لحاظ کان ثانوي آهن جو اهي يا ته اڳ وارن نظرين جي توسيع آهن يا وري جي توسيع نه به آهن تڏهن به انهن جو استعمال هر ادبي تخليق ۽ تخليقڪار تي نه ٿو ڪري سگهجي. اهڙن نفسياتدانن ۾ ڊاڪٽر هانس شانس، ايڊمنڊ ولسن، وليم جيمز، لانيل ٽرلنگ، ڪينٿ برڪ، ڊاڪٽر اوٽو رينڪ، ڊاڪٽر ليڪن ۽ ڪيرن هارني وغيره جا نالا اهم آهن، جن مان ڪجهه جا تصور هن باب جي آخر ۾ ڏنل آهن.

## تخليقي فن (ادب) جي نفسياتي اڀياس جو مقصد :

تخليقي فن، خاص طور تي ادب کي دنيا جي هر سماج ۾ اساسي حيثيت حاصل آهي. انهيءَ اساسي حيثيت جي ڪري ادب دنيا جي هر قوم، هر ٻوليءَ ۾ ٻين علمن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اهميت رکي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ادب جو اڀياس هر علم جي هر پهلوءَ تحت ڪيو ويندو آهي. نفسيات به هڪ سماجي ۽ سائنسي علم آهي، جنهن جو تعلق فرد جي انفرادي زندگي ۽ ڪنهن سماج جي اجتماعي زندگيءَ سان آهي.

ٽي.ايس. ايليٽ (T.S.Eliot) چيو هو ته ادب زندگي ۽ زماني جو آئينو آهي. جڏهن ڳالهه زندگي (فرد جي انفرادي زندگي) ۽ زماني (سماج جي اجتماعي زندگي) جي هجي ته پوءِ نفسيات ئي اهو علم آهي جيڪو صحيح معنيٰ ۾ ادب جي پروڙ ڪري سگهي ٿو.

نفسياتي اصولن تحت هونئن ته گهڻن پهلوئن کي ذهن ۾ رکيو ويندو آهي پر چئن بنيادي ڳالهين تي وڌيڪ ڌيان ڏئي ڪنهن به تخليقي فن / ادب جو اڀياس ڪيو ويندو آهي.

”1. تخليقي عمل جو اڀياس

2. ادبي شخصيتن جو نفسياتي اڀياس

3. تخليقن جو نفسياتي اڀياس

4. پڙهندڙن جو نفسياتي اڀياس“ (7)

جديد نفسيات اهو ثابت ڪري ٿي ته ادب لاشعور جي پيداوار هوندو آهي. تنهنڪري نفسياتي نقاد ۽ محقق تخليق کي نفسيات جي نظر سان پرکيندا آهن. نفسياتي اڀياس تحت تخليق جي ظاهري سونهن ۽ معيار جي پرک بعد ۾ ڪئي ويندي آهي، سڀ کان پهريان تخليق پويان لڪيل محرڪن جي

ڳولا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. نفسياتي اپياس ادب جي صحيح تشريح ۽ تخليقي مقصد کي معلوم ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي، انهيءَ ڪري ئي ڪيترائي ادبي نقاد ان راءِ جا آهن ته ادب کي چڱيءَ ريت تڏهن ئي سمجهي سگهجي ٿو جڏهن ان جي تخليق جا نفسياتي سبب معلوم ڪيا وڃن.

نفسياتي اپياس ڪنڌڙن آڏو ادب هڪ راز يا معمو هوندو آهي اديب جي زندگيءَ جو. اديب اهو ادب ڇو تخليق ڪيو، ڪهڙين حالتن ۾ تخليق ڪيو ۽ سندس تخليق جون ذميوار بنيادي توڙي ثانوي قوتون ڪهڙيون هيون؟ اهي نفسياتي اپياس جا بنيادي سوال هوندا آهن. ان ڪان سواءِ ڪن حالتن ۾ نفسياتي نقاد پڙهندڙن تي ادب جي پوندڙ اثرن جو پڻ جائزو وٺندا آهن.

حاصل مقصد اهو ته نفسياتي اپياس ذريعي تخليقي عمل ۽ تخليقڪار جي ذهني لاڙن ۽ ڪيفيتن کي تلاشيو ويندو آهي، جيڪي تخليق ۾ لڪيل هوندا آهن. گڏو گڏ نفسياتي اپياس ذريعي تخليقڪارن جي نفسياتي سوانح عمري (Psychological Biography) پڻ جوڙي سگهجي ٿي، جنهن سان سندن حيات ۾ جهاتي پائڻ وڌيڪ سولو ٿي ويندو. ان ڳالهه کي هن ريت سمجهي سگهجي ٿو ته جيستائين اسان پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جي عظيم شاعرن جهڙوڪ شاهه لطيف، سچل سرمست، شيخ اياز ۽ استاد بخاريءَ جي نفسياتي زندگيءَ ۾ جهاتي نه پائينداسين تيستائين انهن جي عظمت جي سببن کي ڄاڻڻ کان محروم رهنداسين.

علم نفسيات انساني تاريخ جي قديم علمن مان هڪ آهي. افلاطون کان وٺي موجوده صديءَ تائين هن علم جي ارتقا ٿيندي آئي آهي. نفسيات جي ارتقا ۽ ترقي ۾ ڪيترن ئي نفسياتدانن جو ذهني پورهيو شامل آهي، جن پنهنجون سڄيون عمريون ڏئي هن علم جي آبياري ڪئي. علم نفسيات جون ڪيتريون ئي شاخون آهن. هر شاخ جو جدا جدا ڪم آهي. نفسيات جي هر شاخ ۽ هر نظريي کي فن جي پرک ۽ شخصيت جي اپياس طور استعمال ڪري نه ٿو سگهجي. هتي اسان صرف انهن نفسياتدانن جا نظريا پيش ڪنداسين، جن تحت ادب جي نفسياتي تنقيد جو بنياد پيل آهي ۽ جن مطابق ڪنهن به ماڻهوءَ جي شخصيت جو نفسياتي تجزيو ڪيو ويندو آهي. ان سلسلي ۾ سگمنڊ فرائيڊ، ڪارل گستاو ڄُنگ ۽ ايلفريڊ ايڊلر جي نظرين کي خاص اهميت حاصل آهي. سندن مختصر تعارف ۽ نفسياتي نظرين/اصطلاحن کي هتي ترتيب وار بيان ڪجي ٿو. گڏوگڏ کي اهڙا نفسياتي نظريا ۽ اصطلاح جيڪي انهن عظيم نفسياتدانن سان لاڳاپيل نه آهن پر ادب جي نفسياتي تنقيد ۽ ڪنهن اديب جي نفسياتي اپياس جي سلسلي ۾ ڪارائتا آهن، اهي پڻ مختصر طور هتي پيش ڪجن ٿا.

## ❶ سگمنڊ فرائيڊ – Sigmund Freud

سگمنڊ فرائيڊ 6 مئي، 1856ع تي موراويا (چيڪوسلواڪيا) جي هڪ ننڍڙي شهر فريبرگ (Freiberg) ۾ هڪ يهودي تاجر جي گهر ۾ پيدا ٿيو. فرائيڊ جڏهن پنجن سالن جو ٿيو ته سندس والدين ويانا (Vienna) ۾ اچي وينا.

فرائيڊ ننڍي عمر کان ئي تمام ذهين هو. اسڪول پاس ڪرڻ کان پوءِ هو ويانا جي ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخل ٿيو، جتي هن پڙهڻ سان گڏوگڏ، ان وقت جي ناليواري نفسياتدان پروفيسر ارنيسٽ بروڪ (Ernst Brücke) سان گڏ تحقيقي ڪم ڪرڻ پڻ شروع ڪيو. فرائيڊ هڪ سنو محقق ثابت

ٿيو تنهن ڪري پروفيسر بروڪ سندس هر مرحلي تي حوصلہ افزائي ۽ مدد ڪئي. 1881ع ۾ هن Doctor of Medicine جي ڊگري حاصل ڪئي. ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ بہ فرائيڊ تعليم جي سلسلي کي منقطع نہ ڪيو پر ڇاڪاڻ تہ انهن ڏينهن ۾ سندس گهر جون معاشي حالتون بهتر نہ هيون تنهنڪري هن ويانا جي هڪ اسپتال ۾ ڊاڪٽر جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. جيتوڻيڪ اتي هو سڄو ڏينهن عام طبعي مرضن ۾ مبتلا مريضن ۾ گهريو رهندو هو پر سندس خاص توجہ جو مرڪز تنتي نظام هو، تنهنڪري هو اڪثر فارغ وقت ۾ ان ڏس ۾ تحقيق ۾ مصروف رهندو هو. ان سلسلي ۾ هن ڪيترائي مضمون پڻ لکيا، جنهن جي نتيجي ۾ هو ذهني بيمارين جي هڪ ماهر (Neurologist) طور مشهور ٿي ويو ۽ ڪيس 1885ع ۾ Neuropathology جو ليڪچرار مقرر ڪيو ويو.

بعد ۾ فرائيڊ پيرس ويو پر ڪجهہ سالن کان پوءِ 1886ع ۾ وري ويانا موٽي آيو. فرائيڊ جي تحقيقي مضمونن ۽ ڪتابن ڪيس جيتري شهرت ڏني، اوتري قدر ئي ڪيس مخالفت برداشت ڪرڻي پئي. پر سيني مخالفتن جي باوجود بہ فرائيڊ پنهنجي ڪم کي پنهنجي انتهائي جذبي سان جاري رکندو رهيو. هو جڏهن ستر ورهين جو ٿيو تہ سندس شهرت پوري دنيا ۾ ڦهلجي وئي، جنهنڪري ڪيس حڪومت ”پروفيسر“ جو لقب ڏنو.

فيبروري 1926ع ۾ هو British Psychological Society جو اعزازي فيلو بڻيو. ٻي مهاڀاري جنگ جي شروعات کان پهريان ئي يورپ ۾ ماحول ناخوشگوار ٿي چڪو هو. جرمن نازي، يهودين جو قتلام ڪري رهيا هئا، تنهنڪري فرائيڊ جو ويانا ۾ رهڻ بہ خطري کان خالي نہ هو. ڪيس گهڻن ئي ملڪن دعوت ڏئي پاڻ ڏانهن گهرائڻ چاهيو پر هو ويانا کي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ ٿيو. آخرڪار سندس ويجهو دوست ارنيسٽ جونز ڪيس سمجهائي لنڊن وٺي ويو. پويان جرمن فوجن سندس لائبريري ۽ شفاخاني تي قبضو ڪري ورتو، جن مان گهڻيون شيون ضايع ڪيون ويون.

انهن سيني ڳالهين جي ڪري فرائيڊ پنهنجي عمر جي آخري حصي ۾ انتهائي صدمي واري حالت ۾ رهيو. تقريباً 83 سالن جي عمر ۾ هن 23 سيپٽمبر 1939ع تي دم ڏٽيءَ حوالي ڪيو.

## فرائيڊ جا نظريا

”فرائيڊ پنهنجي سڄي عمر ڏئي نفسيات کي جن نظرين کان متعارف ڪرايو انهن نفسيات کي نہ صرف هڪ باقاعده سائنس بڻائي ڇڏيو بلڪ اڄ نفسيات زندگيءَ جي هر شعبي ۾ شامل آهي تہ اهو صرف فرائيڊ جي اڻٿڪ محنت جو نتيجو آهي.“ (8)

فرائيڊ جا نظريا صرف نفسيات تائين ئي محدود نہ آهن بلڪ سندس مخصوص تصورن ۽ اصطلاحن کي ادب، تنقيد ۽ مذهبي، سماجي ۽ فلسفياڻن بحثن ۾ پڻ استعمال ڪيو ويندو آهي. فرائيڊ پنهنجي تحقيق وسيلي انساني نفس جي انهن لڪيل پهلوئن کي عيان ڪيو، جيڪي ڪائنس اڳ ڪنهن جي وهم ۽ گمان ۾ بہ نہ هئا. سندس نظرين کي پڙهندي وقت پڙهندڙن کي انساني زندگيءَ جي پراسراريت جي پروڙ پوندي آهي. فرائيڊ جي سڄي تحقيق سائنسي اصولن تحت ڪيل آهي. اهو فرائيڊ جو سڀ کان وڏو ڪارنامو آهي جو هن نفسيات کي فلسفي کان ڌار ڪري هڪ جدا سائنسي علم جي حيثيت ڏياري.

هن مختصر تحقيقي مقالي ۾ فرائيڊ جي سيني نظرين کي کولي بيان ڪري نہ ٿو سگهجي، البتہ سندس وڌيڪ مقبول نظرين کي هتي مختصر انداز ۾ بيان ڪيو ويندو جن جو تعلق ادب جي نفسياتي تنقيد ۽ ڪنهن تخليقڪار جي شخصيت جي مختلف پهلوئن جي نفسياتي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ سان آهي.

فرائيڊ جي نفسياتي نظرين ۾ بنيادي حيثيت ”تحليل نفسي“ (Psycho Analysis) کي حاصل آهي. سندس ٻين نظرين ۾ ”لاشعور“ (Unconscious)، ”ايڊيپس مونجهارو“ (Oedipus Complex)، ”خوابن جي تشريح“ (Interpretation of Dreams) ۽ ”ٻاراڻي جنست“ وغيره شامل آهن.

## ← تحليل نفسي : Psycho Analysis

تحليل نفسي سگمنڊ فرائيڊ جو مکيہ نظريو آهي، بلڪ ائين چئجي تہ فرائيڊ جي نفسيات جو مرڪز ئي تحليل نفسيءَ جو نظريو آهي. هي هڪ انتهائي مؤثر نفسياتي طريقہ علاج (Psychotherapy) جو نالو آهي، جنهنجو بنياد شعور ۽ لاشعور جي باهمي تعلق تي رکيل آهي.

1890ع واري ڏهاڪي ۾ فرائيڊ ويانا جي هڪ معروف ماهر عصبيات جوسيف بروور (Josef Breurer) سان گڏجي ڪم ڪيو، جتي ذهني مريضن جي علاج سان گڏ هو ذهني مرضن جو پڻ اڀياس ڪندا هئا. ڪيتري ئي عرصي جي لڳاتار مطالعي ۽ تحقيق ۽ ان جي نتيجن جي بنياد تي فرائيڊ ۽ بروور ان ڳالهہ تي پهتا تہ جيڪڏهن ڪنهن نفسياتي مريض جي سوچن ۽ خواهشن کي سندس لاشعور کان شعور ڏانهن منتقل ڪيو وڃي تہ مريض ۾ بهتري اچي سگهي ٿي. اهو عمل هُو مريض تي هڪ خاص هٿرادو ننڊ واري ڪيفيت طاري ڪري گفتگو (سوالن جوابن) ذريعي ڪندا هئا، جنهن کي انگريزيءَ ۾ Hypnosis چيو ويندو آهي. ان عمل ذريعي جڏهن مريض کان نيم ستل حالت ۾ مختلف سوال جواب ڪيا ويندا هئا تہ سندس لاشعور جون سوچون، خواهشون ۽ مونجهارا پڻ هو بيان ڪندو هو، جنهن سان اهي سڀ لاشعوري عنصر سندس شعوري اظهار ۾ اچي ويندا هئا. اهڙيءَ طرح سندس مرض جي اصل بنياد جي خبر پئجي ويندي هئي ۽ فرائيڊ ۽ بروور ان جو باضابطا علاج ڪرڻ شروع ڪند هئا.

بعد ۾ هن طريقي تي وڌيڪ تحقيق ۽ ان کي جاري رکڻ جو ڪم فرائيڊ سرانجام ڏنو. جيتوڻيڪ ان طريقي جو بنياد جوسيف بروور وڌو هو پر سندس طريقي ۾ فرائيڊ ڪجهہ خاميون محسوس ڪيون ۽ وڌيڪ تحقيق ۽ تجربا ڪري سائنسي انداز ۾ هن کي نواڻ سان متعارف ڪرايائين. فرائيڊ پنهنجي هن نئين نظريي ۽ طريقي کي ”تحليل نفسي“ (Psycho Analysis) جو نالو ڏنو.

مختصر لفظن ۾ تحليل نفسيءَ جي وضاحت هن ريت ڪري سگهجي ٿي تہ اهو هڪ نفسياتي نظرين جو مجموعو بہ آهي تہ وري علاج جو طريقو پڻ آهي. فرائيڊ نفسياتي بيمارين جو بنياد لاشعور کي قرار ڏنو تنهنڪري هن اهو تصور پيش ڪيو تہ جيڪڏهن لاشعور کي ڪنهن طريقي سان شعور

جي حدن اندر آڻجي ته نفسياتي بيمارين کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهجي ٿو، ان تصور يا نظريي کي هن ”تحليل نفسي“ جو نالو ڏنو، يعني نفس جوتجزيو ۽ لاشعور جي شعور ڏانهن منتقلي جو عمل.

تجربن جي آڌار تي جڏهن فرائيڊ ڏٺو ته تحليل نفسي ذريعي ڪيترن ئي مريضن ۾ بهتري آئي آهي ته هن ان کي وقت به وقت وڌيڪ بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. فرائيڊ تحليل نفسيءَ جي طريقي کي صرف گفتگوءَ تائين محدود نه رکيو بلڪ هو پنهنجي مريضن کي آزاديءَ سان ڳالهائڻ لاءِ ڪي موضوع ڏئي ڇڏيندو هو ۽ ڪين چوندو هو ته جيڪو به ذهن ۾ اچيو سو ڳالهايو (توڙي اهو ڳالهائڻ لائق هجي يا نه هجي). جيڪڏهن ڪو شخص فرائيڊ وٽ ايندو هو ته سڀ کان پهريان ڪائنس يا سندس دوستن يا مائٽن کان نفسياتي مسئلي جا معروضي سبب معلوم ڪندو هو. مثال طور ڪنهن شخص جي نفسياتي مرض ۾ مبتلا هجڻ جو ظاهري سبب عشق جي ناڪامي آهي، ته فرائيڊ ان حساب سان ڪيس موضوع ڏيندو هو، جهڙوڪ: عشق، سيڪس، بيوفائي، نفرت، لطف، پاڪر، وحشت وغيره وغيره. مريض جڏهن انهن موضوعن تي آزاديءَ سان پنهنجا خيال بيان ڪرڻ ويهندو هو ته نه صرف سندس شعور متحرڪ ٿي ويندو هو بلڪ سندس لاشعور جا ڳجهه پڻ سندس زبان تي اچي ويندا هئا. اهڙيءَ ريت فرائيڊ اهو تجزيو ڪري وٺندو هو مرض جو اصل لاشعوري بنياد ڪهڙو آهي.

پر اهو آزاد اظهار وارو طريقو ايترو سولو نه آهي، ڇاڪاڻ ته لاشعور ۾ موجود ڳالهيون فرد جي وجود جا ڳجهه هوندا آهن، جيڪي هو ڪنهن ٻئي تي ظاهر ڪرڻ لاءِ عموماً گهٽ راضي ٿيندو آهي. لاشعوري يادگيرين ۾ فرد جون پيڙائون، مثبت توڙي منفي سوچون، مونجهارا، احساس جرم ۽ احساس پڇتاءُ پڻ شامل هوندا آهن جن کي ڪنهن ٻئي (توڙي اهو معالج ڇو نه هجي) سان ونڊڻ نهايت ڏکيو ڪم آهي. گهڻا ماڻهو ته انهيءَ عمل تي ڪاوڙجي پڻ پوندا آهن. ڪيترائي ماڻهو ته تحليل نفسي جي انهيءَ طريقي کان ئي لنوائيندا آهن. فرائيڊ اهو محسوس ڪيو ته سندس ڪيترائي مريض پنهنجي لاشعوري احساسن کي ڪلي بيان نه ٿا ڪن خاص طور تي جنسيت سان وابسته ڳالهين کي. هن اهو نتيجو اخذ ڪيو ته لاشعوري احساسن کي اظهار ۾ نه آڻڻ پويان فرد جي ذات ۾ موجود خوف، ندامت ۽ شرمندگيءَ جا احساس هوندا آهن، تنهنڪري هو پنهنجي مريضن کي سڀ کان پهريان پاڻ تي اعتماد ڏياريندو هو. تحليل نفسيءَ جي انهيءَ طريقي ذريعي فرائيڊ ڪيترن ئي مريضن جا ڪامياب علاج ڪيا، تنهنڪري تحليل نفسيءَ جو نظريو ۽ فرائيڊ جي شخصيت کي گهڻي شهرت حاصل ٿي.

فرائيڊ خوابن ۽ تخليقي فن خاص طور تي ادب جي تخليق کي به لاشعور جي پاڻمرادي اٿل قرار ڏنو، ڇاڪاڻ ته خوابن ۽ ادب جي ذريعي فرد پنهنجي لاشعور ۾ دٻيل سوچن ۽ خواهشن کي اظهاري روپ ڏيندا آهن. عام ماڻهن ۽ اديبن ۾ فرق اهو آهي ته عام ماڻهن لاءِ صرف خواب ئي لاشعور جي اظهار جو ذريعو هوندا آهن پر اديب عام ماڻهن جي مقابلي ۾ وڌيڪ حساس ۽ لاشعوري قوتن کي وڌيڪ شدت سان محسوس ڪندڙ فرد هوندا آهن، تنهنڪري اهي ادب تخليق ڪري پنهنجي لاشعوري احساسن کي تسڪين ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. فرائيڊ لاشعور کي ادب جي پيداوار جو اصل محرڪ قرار ڏنو. فرائيڊ جي تحليل نفسيءَ جي نظريي جي بنياد تي ادب کي اديب جي ڪيل پاڻمرادي تحليل نفسي چئي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ ته ادب جي تخليق ذريعي اديب دراصل پنهنجي لاشعور کي ئي شعوري اظهار ڏئي تسڪين حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ادب جي تخليق جو

عمل بلڪل ائين ئي آهي جيئن فرائيڊ پنهنجي مريضن کي نيم ستل حالت ۾ تفصيلي گفتگوءَ ذريعي سندن لاشعور کي شعور ۾ آڻيندو هو، پر فرق صرف ايترو آهي ته اتي فرائيڊ معالج هوندو هو ۽ اڳيان سندس مريض هوندا هئا، جڏهن ته اديب پنهنجو پاڻ ۾ ئي مريض به هوندو آهي ته وري معالج به!

فرائيڊ جي نظرين زندگيءَ جي هر شعبي ۽ علم جيان ادب کي پڻ متاثر ڪيو، جنهنجي نتيجي ۾ ادب جي نفسياتي تنقيد جو وجود پيو ۽ اديب توڙي نقاد فرائيڊ جي وضع ڪيل نفسياتي نظرين خاص طور تي تحليل نفسي ذريعي ادب جي پرک ۽ تنقيد ڪرڻ لڳا.

فرائيڊ جا ٻيا نظريا جهڙوڪ: لاشعور، ايڊيپس ڪامپليڪس، خوابن جي تشريح، ٻاراڻي جنسيت ۽ نرگسيت وغيره پڻ تحليل نفسيءَ جي نظريي ۾ شامل آهن.

## ← لاشعور : Unconscious

فرائيڊ جو سڀ کان وڏو ڪارنامو لاشعور جي دريافت آهي. جيتوڻيڪ لاشعور جو اصطلاح فرائيڊ کان پهريان ئي رائج ٿيل هو پر فرائيڊ کان اڳ ڪنهن به فلسفيءَ يا نفسياتدان لاشعور کي بطور خاص موضوع بڻائي تحقيق نه ڪئي هئي. ان جي حيثيت ڪنهن مابعدالطبعياتي تصور جهڙي هئي جيڪو رائج ته ٿيل هو پر ان ميدان ۾ اجا تحقيق جي گهڻي گنجائش هئي. فرائيڊ پهريون شخص هو جنهن لاشعور کي موضوع بڻائي ان ڏس تي سائنسي انداز ۾ تحقيق ڪئي.

فرائيڊ کان پهريان جا نفسياتدان ان ڳالهه طرف اشارا ڏئي چڪا هئا ته ذهن ۾ ڪيترائي لڪيل تهه هوندا آهن، جيڪي شعور کان هميشه اوجهل رهندا آهن. فرائيڊ جو لاشعور به دراصل ذهن جو انتهائي پوشيده تهه يا حصو آهي، جيڪو عمومي حالتن ۾ ذهن جي سڀ کان مٿئين تهه يعني شعور جي روشنيءَ کان لڪيل رهندو آهي، پر شخصيت جي تشڪيل ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندو آهي ۽ ڪجهه خاص حالتن ۽ ڪيفيتن جهڙوڪ خواب ڏسڻ ۽ ادب جي تخليق ڪرڻ دوران اهو شعوري اظهار وٺي نڪرندو آهي.

”فرائيڊ سڀ کان پهريان لاشعور جي ٻين ذهني عملن سان الجهيل تعلق کي نه صرف اجاگر ڪيو بلڪ لاشعوري محرڪن جي شعور جي دنيا ۾ پوندڙ گهرن اثرن کي به واضح ڪندي ان مان پيدا ٿيندڙ ذهني مونجهارن جا حل تلاش ڪري، نفسيات کي نئين انقلاب کان روشناس ڪرايو.“ (9)

فرائيڊ انساني ذهن کي جاڻ يا معلومات جي بنياد تي ٽن درجن/حصن (Three levels of awareness) ۾ ورهايو، جن ۾ ”شعور“ (Conscious Mind)، ”تحت الشعور“ (Subconscious Mind) ۽ ”لاشعور“ (Unconscious Mind) شامل آهن. هتي ذهن جي انهن ٽنهي حصن جي مختصر وضاحت ڪجي ٿي، جنهن سان فرائيڊ جي لاشعور واري نظريي کي سمجهڻ ۾ مدد ملندي.

### ■ شعور : Conscious Mind

”توهان هن وقت ڪتاب پڙهي رهيا آهيو. توهان جي ويجهو ئي ريڊيو تي گانا هلي رهيا آهن، سامهون دريءَ جو پردو تيز هوا جي ڪري لڏي رهيو آهي، ڪمري ۾ ٻار کيڏي رهيا آهن... اهو سڀ

ڪجھ اوهان جو شعور آهي، چاڪاڻ تہ بغير ڪنهن ڪوشش ۽ ارادي جي توهان اهو سڀ ڪجھ ڄاڻو ٿا.“ (10)

”شعور ذهن جو اهو حصو آهي، جتي اسان موجوده وقت ۾ ڌيان ڏئي رهيا آهيون. هن ۾ اسانجا صرف حال وارا سوچ جا عمل (Thinking Processes) ۽ ڌيان شامل هوندا آهن.“ (11)

انساني ذهن ڪنهن ڪمپيوٽر جي ونڊوز آپريٽنگ سسٽم جيان هڪ ئي وقت ۾ انيڪ ڪم ڪندو آهي. ذهن ۾ سدائين سوچ جو عمل جاري رهندو آهي ۽ گڏو گڏ ڌيان پڻ ان ۾ شامل رهندا آهن. موجوده هلندڙ وقت ۾ اسان جو ذهن جن جن ڳالهين تي سوچي ٿو يا پنهنجي ڄاڻ ۾ آڻي ٿو، ان کي شعور چيو ويندو آهي. اهو اسان جي ذهن جو سڀ کان مٿيون حصو آهي، جنهن جو تعلق زمان حال (Present Tense) سان آهي.

انساني ذهن جي سمجھ ۽ فهم جي صلاحيت کي پڻ شعور سڏيو ويندو آهي. مثال طور اسان اهي جملا عام ٻڌندا آهيون تہ ”توکي تہ ڪو شعور ئي ڪونهي“ يا ”فلاڻو ماڻهو ڏاڍو باشعور آهي“ وغيره وغيره. انهن جملن ۾ شعور سمجھ جي معنيٰ ڏيکاري ٿو پر بنياد ساڳيو نفسياتي اٿس. جڏهن ڪنهن کي چيو وڃي ٿو تہ ”توکي تہ ڪو شعور ئي ڪونهي“ تہ ان مان اها ئي مراد آهي تہ توکي پنهنجي ارد گرد ٿيندڙ واقعن ۽ ڳالهين جي ڪا سڌ يا سمجھ ئي ناهي. فهم يا سمجھ جو تعلق ذهن جي ڪارڪردگيءَ سان آهي تنهنڪري ڪنهن ماڻهوءَ کي باشعور چوڻ سندس ذهن جي اعليٰ صلاحيت کي تسليم ڪرڻ آهي.

آسان لفظن ۾ شعور کي ائين پڻ سمجھي سگھجي ٿو تہ پنهنجي ۽ پنهنجي ماحول کان باخبر رهڻ شعور آهي. هيءَ انساني ذهن جي هڪ اهڙي ڪيفيت آهي جنهن ۾ ذاتيت، ذاتي فهم، ڏاهپ ۽ آگاهي جهڙيون خاصيتون موجود هونديون آهن.

## ■ تحت الشعور : Subconscious Mind

ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي تہ ڪجھ ڏينهن پهريان مليل ڪنهن شخص جو نالو ضرورت وقت اسان کان وسري ويندو آهي پر ٿورڙي ڪوشش ڪرڻ (ذهن تي زور ڏيڻ) سان اهو نالو اسان کي ياد اچي ويندو آهي.

اها يادداشت ڪٿي هئي جيڪا ذهن تي ٿورڙي زور ڏيڻ سان اسان جي شعور ۾ داخل ٿي وئي؟ دراصل اها ياد اسان جي تحت الشعور ۾ هئي. تحت الشعور کي قبل شعور پڻ چيو ويندو آهي.

تحت الشعور ذهن جو اهو حصو آهي، جتي اهي ڳالهيون هونديون آهن جن جي اسان کي ڄاڻ هوندي آهي پر اسان جي توجھ نہ ڏيڻ ڪري اها يادداشت شعور جي سطح کان اوجهل ٿي ويندي آهي. جڏهن وري اسان کي ان ڄاڻ جي ضرورت پوندي آهي تہ فوري طور تي اسان جو ذهن ان کي حاصل ڪري ناهي سگھندو پر ٿورڙي ذهني مشقت سان اسان ان ڄاڻ کي وري پنهنجي شعور ۾ حاصل ڪري وٺندا آهيون.

”مطلب اهو تہ جيڪڏهن شعور اسان جو حال آهي تہ تحت الشعور کي اسان ماضي قريب سمجھي سگھون ٿا.“ (12)

ماضي قريب هجڻ سان گڏ تحت الشعور ۾ ماضي بعيد جون يادداشتون ۽ ڄاڻ پڻ شامل هوندي آهي. روزمره جا واقعا، تجربا ۽ مشاهدا تحت الشعور ۾ هليا ويندا آهن. اهي وقتي طور تي ته پوشيده ٿي ويندا آهن پر ضرورت وقت انهن کي شعور ڏانهن گهرائي سگهجي ٿو. اسان چار ڏينهن پهريان ڇا کاڌو، ڇا پاتو، ڪنهن سان ملياسين، ڪنهن سان فون تي ڳالهايوسين وغيره وغيره جهڙين ڳالهين جي يادداشت اسان جي تحت الشعور ۾ رکيل هوندي آهي. اسان جو شعور موجودو وقت ۾ انهن ڳالهين کي ضرورت پوڻ تي حاصل ڪري وٺندو آهي.

اسان اڪثر ڪنهن موضوع تي ڳالهائيندي ڳالهائيندي، ماضي ۾ ٿيل پنهنجن تجربن ۽ مشاهدن کي مثالن طور پيش ڪندا آهيون. اسان جي انهن تجربن ۽ مشاهدن جو حالانڪ شعور سان ڪوبه تعلق نه آهي پر اسان جو شعور ضرورت جي حساب سان تحت الشعور مان يادداشت ۽ ڄاڻ کي حاصل ڪندو آهي، ڪڏهن ٿوري محنت سان ۽ ڪڏهن وري بنا محنت جي به تحت الشعور جو حصول شعور کي ٿي ويندو آهي. اهو سڄو فطري عمل آهي.

## ■ لاشعور : Unconscious Mind

لاشعور انساني ذهن جو سڀ کان انتهائي هيٺيون ۽ لڪيل حصو آهي. تحت الشعور جو تعلق ماضي قريب توڙي ماضي بعيد سان آهي، پر لاشعور وري مڪمل ماضي بعيد آهي. ذهن جي سڀ کان مٿانهين سطح شعور آهي. ڪا به ڳالهه شعور مان ئي تحت الشعور ۽ لاشعور ڏانهن منتقل ٿيندي آهي. تحت الشعور، شعور جي عملي تجربن ۽ مشاهدن کي پاڻ وٽ سانديندو آهي، جڏهن ته لاشعور ۾ وري دٻايل خواهشون، جذبا ۽ احساس دٻاءُ يا روڪ (Repression) جي ذريعي هليا ويندا آهن.

شعور ۽ تحت الشعور هڪٻئي جي ويجهو آهن. انهن ۾ ڄاڻ جي منتقلي جو عمل به اڪثر ٿيندو رهندو آهي. پر لاشعور انهن ٻنهي کان گهٽو پري آهي، جنهنجي عام حالتن ۾ شعور ڏانهن منتقلي نه ٿيندي آهي. جيتوڻيڪ شعور ۽ تحت الشعور جو بنياد لاشعور آهي پر ذهن جي هن حصي ۾ پيل ڄاڻ ۽ يادداشت شعور جي سڌي پهچ کان پري هوندي آهي. فرائيڊ جو اهو خيال هو ته جيتوڻيڪ لاشعور ڳجهو هوندو آهي پر انساني شخصيت جي تشڪيل ۽ اوسر لاشعور ذريعي ٿيندي آهي.

ڊاڪٽر سيلم اختر صاحب پنهنجي اردو ڪتاب ”تين بڑے نفسياتدان“ ۾ شعور، تحت الشعور ۽ لاشعور کي سمجهائڻ خاطر هڪ شڪل ڏني آهي. هيٺ اها شڪل ۽ ان جي سمجهاڻي ڏجي ٿي.



”هن شڪل ۾ هڪ جبلن جو سلسلو ۽ ماٿري (وادي) ڏيکاريل آهي. سج جي روشني هڪ وڏي جبل جي ڪري ماٿريءَ ۾ نٿي اچي سگهي. هن جبل جون چوٽيون سج جي روشنيءَ ڪان پوريءَ طرح مستفيد ٿي رهيون آهن ۽ هي اسان جي نفس جو اهو حصو آهن جنهن کي اسان شعور چوندا آهيون. ان ڪان پوءِ اهو حصو اچي ٿو جتي روشني رڳو منجهند جي وقت پهچي ٿي، اهو آهي تحت الشعور ۽ آخر ۾ اها ماٿري آهي جتي جبل جي چوٽين جي ڪري سج جي روشني پهچي نہ ٿي سگهي ۽ اهو آهي لاشعور. توهان ان منجهان چڱيءَ ريت ڏسي سگهو ٿا تہ شعور ۽ قبل شعور جو بنياد لاشعور تي بيٺل آهي.“ (13)

”هر فرد جي هر خواهش زندگيءَ ۾ تجربي ۾ ناهي اچي سگهندي. اسان جا جذبا، سوچون، احساس ۽ عقيده ڪي ٿورا شعور جي سطح تائين اچي سگهندا آهن نہ تہ گهڻائي لاشعور ۾ دٻجي ويندا آهن. انهيءَ ڪري شعور جي نسبت فرد جو لاشعور وڌيڪ وسيع ۽ سگهارو هوندو آهي. لاشعور جي انهيءَ وسعت ۽ سگهہ جي ڪري لاشعور فرد جي زندگيءَ کي پنهنجي هٿن سان هلائيندو آهي. شخصيت جي تشڪيل ۾ بہ لاشعور وڏ ۾ وڏ اثر انداز ٿيندو آهي.“ (14)

فرائيڊ ”تعبير خواب“ ۾ لاشعور جي تعريف هن ريت بيان ڪئي آهي:

”لاشعور ئي نفس آهي پر ان جي صحيح ماهيت ۽ فطري خاصيتن ڪان اسان خارجي دنيا جيان غير واقف رهندا آهيون. لاشعور جي باري ۾ شعور اسان کي جيڪو ڪجهہ ٻڌائيندو آهي اهو خارجي دنيا جي باري ۾ ڇهين حواس ذريعي حاصل ڪيل ڄاڻ جيان نامڪمل هوندو آهي.“ (15)

”شروع ۾ فرائيڊ جو اهو خيال هو تہ لاشعور صرف انهن ناخوشگوار تجربن سان تعلق رکي ٿو جن سان فرد کي پيدائش ڪان پوءِ منهن ڏيڻو پوندو آهي پر بعد ۾ جڏهن هن ٻاراڻي جنسيت جو نظريو پيش ڪيو تہ هن پنهنجي نظريي ۾ ترميم ڪندي، فرد جي تجربن ۾ پيدائش ڪان پهريان واري دور کي بہ شامل ڪري ڇڏيو.“ (16)

لاشعور جي تشڪيل ۽ اوسر انساني زندگيءَ سان گڏ گڏ ٿيندي رهندي آهي. انسان پنهنجي زندگيءَ جي ڪجهہ تجربن، واقعن، سوچن ۽ خواهشن کي عملي طور اظهار ۾ آڻي سگهندو آهي جڏهن تہ ڪيتريون ڳالهيون مختلف سببن جي ڪري دٻائڻيون پونديون آهن. اهي دٻايل ڳالهيون لاشعور ۾ ويهي رهنديون آهن ۽ هر وقت اظهار جي موقعي جي تلاش ۾ رهنديون آهن. ڇاڪاڻ تہ لاشعور ۾ دٻايل ڳالهيون ئي هونديون آهن ۽ فرد ڪڏهن بہ چاهيندي بہ انهن کي پنهنجي شعور ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏيندو آهي پر ساڳي وقت شعور انهن لاشعوري ڳالهين جي اخراج جي دٻاءَ ۾ پڻ هوندو آهي، تنهنڪري ڪجهہ نوان رستا پاڻمرادا نهي پوندا آهن، جتان لاشعور پنهنجو اظهار عمل ۾ آڻيندو آهي. خواب ڏسڻ ۽ تخليقي فن جهڙڪ شاعري وغيره دراصل لاشعور جي اظهار جا ذريعا آهن.

پر جيڪڏهن لاشعور کي پنهنجي اظهار جو ڪوبہ موقعو نہ ملي تہ اهو اندر ئي اندر پٽڪندو رهندو ۽ نتيجي ۾ انساني ذهن ۾ هڪ عجيب و غريب ڪشمڪش يا ڪيفيت پيدا ٿيندي جنهن کي ذهني مونجهارو چيو ويندو آهي.

فرائيڊ لاشعور کي ادب جي تخليق جو بنيادي محرڪ قرار ڏنو. جيتوڻيڪ هن لاشعور جي گهڻن ئي پهلوئن تي بحث ڪيو آهي پر سندس خيال ۾ لاشعور جو گهڻو حصو جنسيت يا سيڪس سان وابستہ هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ اڪثر جنسي جبلتن کي ئي دٻائي لاشعور جي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ بند

ڪيو ويندو آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته فرائيڊ اڻپورين جنسي خواهشن کي ادب جي تڪميل جو باعث قرار ڏنو. سندس خيال ۾ ڪو اديب يا شاعر پنهنجي اڻپورين جنسي خواهشن پاران مچايل نفسي اڌ تڻ کان پاڻ کي تسڪين ڏيارڻ لاءِ ادب/شاعريءَ جي تخليق ڪندو آهي.

## ➔ شخصيت جا جزا : Components of Personality

انساني ذهن جي حصه بندي ڪرڻ ۽ هر حصي جي وضاحت ڪرڻ کان پوءِ فرائيڊ انساني شخصيت جي مختلف جزن تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. نفسياتي مرضن جي سڄاڻپ ۽ ذهن جي انتهائي گهرن حصن ۾ متحرڪ نفسي قوتن کي سمجهائڻ لاءِ هن 1932ع ۾ "The Ego and ID" نالي هڪ ڪتاب لکيو، جنهن ۾ هن انساني شخصيت کي ٽن بنيادي حصن: فطري جبلت/اِڊ (Id)، انا (Ego) ۽ فوق الانا (Superego) ۾ تقسيم ڪري پيش ڪيو. فرائيڊ مطابق انساني شخصيت جي تشڪيل انهن ٽن جزن جي ذريعي ٿيندي آهي.

شخصيت کي مختلف جزن ۾ تقسيم ڪرڻ تي فرائيڊ جي مخالفن متس گهڻي تنقيد ۽ اعتراض ڪيا. فرائيڊ انهن اعتراضن جو جواب پنهنجي ڪتاب "خوابن جي تعبير" (Interpretation of Dreams) ۾ هن ريت ڏنو ته "شخصيت ناقابل تقسيم آهي پر هن شخصيت کي مختلف حصن ۾ صرف سمجهڻ ۽ سمجهائڻ خاطر تقسيم ڪيو آهي."




"سگمنڊ فرائيڊ، تحليل نفسي جي باني‌ڪار، انساني ذهن کي هڪ برف جي ٽڪري (Iceberg) سان ڀيٽيو. پاڻي کان مٿي واري چوٽي شعور کي ظاهر ڪري ٿي ۽ پاڻيءَ جي سطح کان هيٺ وارو سڄو علائقو لاشعور جي علامت آهي. پرسان فرائيڊ جا ٻڌايل ٽي شخصيت جا بنياد آهن: اِڊ، انا ۽ فوق الانا. صرف اِڊ ئي سڄو لاشعور ۾ آهي." (17)

### ■ اِڊ : Id

اِڊ (Id) لاطيني ٻوليءَ جو لفظ آهي، جيڪو انگريزي ٻوليءَ جي لفظ It جي مترادف آهي. فرائيڊ جون لکتون ڇاڪاڻ ته جرمن ٻوليءَ ۾ هيون تنهنڪري هن جرمن لفظ ES استعمال ڪيو، پر

جڏهن سندس نفسياتي نظريا انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيا ته ان اصطلاح کي لاطيني لفظ ID سان پيش ڪيو ويو، ڇاڪاڻ ته It اڳ ئي انگريزيءَ ۾ گهڻو ڳالهائجندڙ لفظ هو.

اِڊ، انساني ذهن جي اها قوت يا ذريعو آهي، جيڪو ڪنهن فرد جي جنسي، هيجاني ۽ جبلي قوتن جو باعث هوندي آهي. جيئن مٿي تصوير ۾ ڏيکاريل آهي ته اِڊ جو تعلق مڪمل طور تي لاشعور سان هوندو آهي. اِڊ انساني ذهن کي لطف جي قانون (Pleasure Principal) تحت هلائيندي آهي. هن جو مقصد صرف لطف حاصل ڪرڻ هوندو آهي. فرائيڊ، اِڊ کي ابتدائي لاشعور (Primary Unconscious) ڪري پڻ سڏيو. هي انساني شخصيت جو سڀ کان گهرو ۽ غير واضح لاشعوري حصو آهي. انساني شخصيت جا سيئي نفسي خيال، جبلي رجحان ۽ حياتياتي توانائي اِڊ ذريعي پيدا ٿيندا آهن.

”فرائيڊ جي مطابق اسان اِڊ سان گڏ ڄمندا آهيون. اِڊ اسان جي شخصيت جو هڪ اهم حصو آهي ڇاڪاڻ ته جڏهن اسان ڄمندا آهيون ته اها اسان کي پنهنجي بنيادي ضرورتن جي پورائي ڪرڻ جي اجازت ڏيندي آهي. “ (18)

”ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته اِڊ اهو چاهيندي آهي جيڪو ان وقت سٺو لڳندو آهي، بنا ڪنهن سوچ ويچار ۽ مهل موقعي جي. جڏهن ٻار بکيو هوندو آهي ته اِڊ کاڌي جي طلب ڪندي آهي، تنهنڪري ٻار روئندو آهي.“ (19)

مرد جڏهن ڪنهن خوبصورت عورت کي ڏسندو آهي ته سندس ذهن ۾ رومانوي ۽ جنسي خيال بنا ڪنهن شعوري ڪوشش جي پاڻمرادا پيدا ٿيندا آهن. نه صرف جنسي نوعيت جا بلڪ انساني ذهن ۾ خواهشن جا پندار موجود هوندا آهن ۽ هر لمحي ذهن ۾ نيون خواهشون اڀنديون رهنديون آهن. خواهشن جي پيدائش جو سڄو عمل اِڊ جي ذريعي ئي ٿيندو آهي. اِڊ ڇاڪاڻ ته لاشعوري عنصر آهي تنهنڪري ”هن جو دليل ۽ استدلال سان پري تائين ڪو تعلق ناهي هوندو... دٻايل خواهشون به هن جو هڪ حصو بڻبيون آهن.“ (20)

اِڊ کي معروضي حقيقتن جو ڪوبه سماءُ نه هوندو آهي ۽ هي رڳو پنهنجي ضرورتن جي تسڪين لاءِ سرگرم عمل رهندي آهي. اِڊ کي ڪنهن به عمل ڪرڻ لاءِ جيڪا قوت گهربل هوندي آهي، سا ڪيس لبيڊو (Libido) کان حاصل ٿيندي آهي. لبيڊو انساني جبلتن کي جياريندڙ توانائي جو نالو آهي، جيڪا انساني نفسيات کي قوت بخشيندي آهي. لبيڊو، لاطيني ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي انگريزيءَ جي لغت ۾ معنيٰ آهي ”I Desire“.

”اِڊ جون ٻه بنيادي جبلتون آهن:

1) Eros : زندگيءَ جي جبلت جيڪا ماڻهن کي لطف حاصل ڪرڻ جي رجحان ڏانهن مائل ڪندي آهي. (جيئن سيڪس)

2) Thanatos : موت جي جبلت جيڪا ماڻهن کي تباهي ڏانهن مائل ڪندي آهي.“ (21)

اِڊ جي نوعيت ڇاڪاڻ ته فطري ۽ لاشعوري هوندي آهي تنهنڪري اها ارتقا يا اوسر کان محروم رهندي آهي. فرد جن فطري جبلي خواهشن کي کڻي ڄمندو آهي، تن سميت ئي مرندو آهي، البته معروضي حالتن جي ڪري اِڊ جو اثر متاثر ضرور ٿيندوآهي.

## ■ انا : Ego

فرائيڊ پنهنجي جرمن ٻوليءَ ۾ انا (Ego) لاءِ Ich جو لفظ استعمال ڪيو، جنهنجي معنيٰ آهي ”مان“. انهيءَ مناسبت سان هن اصطلاح کي انا يا ايگو چيو وڃي ٿو.

”ٻار جي پيدائش جي ٽن سالن کان پوءِ، جڏهن ٻار دنيا ۾ گهلڻ ملڻ لڳندو آهي ته شخصيت جي ٻئي اهم جزي جي اوسر ٿيڻ شروع ٿيندي آهي. فرائيڊ ان حصي کي ”انا“ (Ego) سڏيو. انا حقيقت جي اصول تي ٻڌل هوندي آهي... اهو انا جو ڪم هوندو آهي ته حقيقيت ۽ موقعي مهل کي سمجهه ۾ رکي اڊ جي خواهشن جي تڪميل ڪري.“ (22)

”اڊ جي برعڪس انا حقيقت کان آشنا هوندي آهي تنهن ڪري اها حقيقت جي قانون (Reality Principle) تحت هلندي آهي.“ (23)

اڊ ۽ انا ۾ فرق اهو آهي ته اڊ جي تشڪيل فطري جبلتن ذريعي ٿيندي آهي جڏهن ته انا جي تشڪيل مهذب طريقي سان ٿيندي آهي. هن ۾ اهي ڳالهيون يا اثرات شامل هوندا آهن جيڪي سماج جي طيءِ ٿيل اصولن مطابق هوندا آهن. اڊ انساني شخصيت جي اها انڌي ۽ ٻوڙي قوت آهي جنهنجو ڪم صرف خواهشن کي پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي تڪميل حاصل ڪرڻ هوندو آهي، پر انا سندس بلڪل ابتڙ خارجي دنيا جي قاعدن ۽ قانونن کان واقف هوندي آهي تنهنڪري انا جي ذريعي فرد ماحول سان مطابقت اختيار ڪندو آهي.

انا، فرد جي ذهن ۾ خارجي دنيا جو حقيقي تصور قائم ڪندي آهي. اها ٻار جي پيدائيش کان وٺي مرڻ تائين ارتقا پذير رهندي آهي. ڪنهن به فرد جي زندگيءَ ۾ منصوبه بندي، سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت، فيصلي جي قوت ۽ زندگيءَ جا اصول ۽ آدرش انا متعين ڪندي آهي.

## ■ فوق الانا : Superego

فوق الانا (Superego) لاءِ فرائيڊ جرمن ٻوليءَ جو لفظ Über-Ich استعمال ڪيو، جنهنجي معنيٰ آهي ”انا کان مٿي“. فرائيڊ جي تحقيق مطابق :

”پنجن سالن جي عمر کان پوءِ، ٽئين مرحلي ”فوق الانا“ (Superego) جي اوسر جو ڪم شروع ٿيندو آهي. فوق الانا اسان جي شخصيت جو اخلاقي جزو آهي جنهن جي اوسر سماجي ۽ اخلاقي قدرن مطابق ٿيندي آهي.“ (24)

”فوق الانا سماج جي سماجي آدرشن تي مشتمل هوندي آهي، جيڪا صحيح ۽ غلط جي اصول تي اسان کي پنهنجي نڌيپڻ ۾ پنهنجي مائٽن وٽان سکڻ ذريعي ملندي آهي.“ (25)

فرائيڊ جي متعارف ڪرايل Psychoanalytic Model ۾ اڊ، انا ۽ فوق الانا انساني ذهن جا ٽي جزا آهن. اڊ جو ڪم خواهشن کي جنم ڏيڻ آهي، جڏهن انا وري مخصوص معيارن ۽ اصولن تحت اڊ کي پابند ڪرڻ ۽ فرد جي خارجي دنيا سان مطابقت پيدا ڪرڻ جو ڪم ڪندي آهي. انا، اڊ کي پابند ڪرڻ لاءِ ڪجهه اخلاقي اصولن ۽ سماجي قدرن کي پڻ استعمال ڪندي آهي، جنهن ذريعي شخصيت جي ٽئين جزي فوق الانا جي تشڪيل ٿيندي آهي. فوق الانا کي انسان جو ضمير پڻ چئي سگهجي ٿو.

ٻار جي تربيت ۾ والدين سڀ کان اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. انهن کانءِ پوءِ وري اوڙي پاڙي جا

ماڻهو، همعمر دوستن جي صحبت ۽ استادن وغيره جي ذريعي ٻار سماجي قدرن کان واقفيت حاصل ڪندو آهي. آهستي آهستي اهي سماجي قدر ۽ اخلاقي ضابطا ٻار جي شخصيت جا جزا بڻجي ويندا آهن ۽ فوق الانا جي تشڪيل عمل ۾ ايندي آهي. فوق الانا جي تشڪيل کان پوءِ والدين، استادن ۽ سماجي ۽ اخلاقي قدرن جي منتقليءَ جي بين ذريعن جو ڪم آهستي آهستي ختم ٿيڻ لڳندو آهي، ڇاڪاڻ ته هاڻي ٻار ۾ هر اصول ۽ قاعدي جي تعين ڪرڻ جي صلاحيت اچي ويندي آهي. فوق الانا جي غير مناسب تشڪيل فرد ۾ ڪيترين ئي نفسياتي بيمارين ۽ مونجهارن ڪي جنم ڏئي سگهي ٿي.

انساني شخصيت جي اوسر انهن ٽنهي جزن تحت مختلف پهلوئن کان ٿيندي آهي. هڪ ئي ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي جبلتن هٿان مجبور به ٿي پوندو آهي ته ڪڏهن ڪڏهن وري ساڳي ئي ماڻهوءَ ۾ فيصلي جي قوت ۽ ثابت قدمي به اچي ويندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته اهو ماڻهو پنهنجي ذات کي پوئتي رکي، هر مرحلي تي سماجي اصولن جي پيروي ڪرڻ لڳندو آهي آهي. مطلب اهو ته هر ماڻهو جي ذهن ۾ موجود ٽئي جزا ڪيس پنهنجي پنهنجي انداز ۾ تعمير ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

”فرائيڊ مطابق ڪنهن صحتمند شخص ۾ انا سڀ کان وڌيڪ مضبوط هوندي آهي، تنهن ڪري اها اڊ جي ضرورتن جي تڪميل ڪري سگهندي آهي... جيڪڏهن فرد جي اڊ وڌيڪ سگهاري ٿي پوي ته فرد جي زندگي شخصي ڪشمش جي ور چڙهي ويندي. جيڪڏهن فوق الانا سڀ کان وڌيڪ مضبوط ٿي وڃي ته فرد جي زندگي صرف سماجي قدرن هٿان هلندي.“ (26)

## ➔ ايڊيپس مونجهارو : Oedipus Complex

انساني شخصيت جي ٽن جزن واري نظريي (اڊ، انا، فوق الانا) کان پوءِ، فرائيڊ جي وڌ ۾ وڌ مقبول نظرين ۾ ايڊيپس مونجهاري جو نظريو شامل آهي.

فرائيڊ مطابق ٻار کي ننڍي عمر کان ئي مخالف جنس جو شعور حاصل ٿيڻ لڳندو آهي. اها سمجهه ٻار پنهنجي والدين (پيءُ ۽ ماءُ) ذريعي حاصل ڪندو آهي. جنسي مخالفت ۽ ڪجهه پنهنجي داخلي جنسي ڪمترين جي احساسن جي بنياد تي ٻار پنهنجي والدين سان محبت ۽ ويجهڙائپ جو رشتو جنس جي بنياد تي استوار ڪندو آهي. خاص طور تي ڇوڪرو پنهنجي ماءُ سان وڌيڪ ويجهڙائي رکندو آهي ۽ پنهنجي پيءُ کي پنهنجو رقيب يا ڪن حالتن ۾ ويري تصور ڪرڻ لڳندو آهي. فرائيڊ انهيءَ قسم جي مونجهاري کي ”ايڊيپس مونجهارو“ (Oedipus Complex) جو نالو ڏنو.

”سگمنڊ فرائيڊ هي تصور پنهنجي ”خوابن جي تشريح“ (Interpretation of Dreams-1899) واري نظريي ۾ پيش ڪيو. هي اصطلاح يونان جي ٿيبن هيرو ايڊيپس (Theban Hero Oedipus) تان ورتل آهي، جيڪو اڻڄاڻائيءَ ۾ پنهنجي پيءُ کي قتل ڪري پنهنجي ماءُ سان شادي ڪندو آهي.“ (27)

فرائيڊ مطابق مخالف جنس جي بنياد تي ٻار ۾ ٽن سالن کان پنجن سالن جي عمر تائين پنهنجي ماءُ سان محبت جي اوسر ٿيندي آهي. جڏهن ٻار ڪجهه وڏي ٿيندو آهي ۽ ان ۾ انا ۽ فوق الانا پيدا ٿيندي آهي ته کيس والدين جي حيثيت جو انفرادي ۽ سماجي شعور حاصل ٿيندو آهي، جنهنجي پيش نظر هو پنهنجي ان خواهش کي لاشعور ۾ دٻائي ڇڏيندو آهي. اتي ئي هيءَ جبلت يا خواهش

مونجهاري جي صورت وننددي آهي چاڪاڻ تہ اڳتي هلي لاشعور هن جي ذريعي فرد جي شخصيت جي تشڪيل ڪندو ۽ موقعو ملڻ تي هن خواهش کي شعور ڏانهن منتقل ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪندو.

هيءَ خواهش لاشعور ۾ لڪي ويندي آهي پر فرد جي شخصيت جي تشڪيل ۽ سندس ذهني لاڙن جو ڱس ڏيڻ ۾ هيءَ اهم ڪردار ادا ڪندي آهي. مرد جي زندگيءَ ۾ عورت جي ڪشش ۽ مائليت بہ دراصل هن مونجهاري جي ڪري ئي جنم وننددي آهي. گهڻا ماڻهو پنهنجي جوانيءَ ۾ گهڻا رومانوي ۽ عاشق مزاج هوندا آهن ۽ عورتن جي معاملي ۾ گهڻا حساس هوندا آهن. فرد جا اهي سيئي لاڙا ننڍپڻ جي ايڊيپس مونجهاري جو نتيجو هوندا آهن.

جڏهن ڪو شاعر عورت جي سونهن ۽ ڪشش بابت شاعري ڪندو آهي تہ دراصل هو پنهنجي ننڍپڻ جي انهن دٻيل خواهشن جو اظهار ڪندو آهي جيڪي هن مخالف جنسيت جي بنياد تي پنهنجي ماءُ لاءِ تصور ڪيون هيون.

فرائيڊ پنهنجي نظرين جي سمجهاڻي خاطر ادب مان مثال پيش ڪندو هو. سندس انهيءَ طريقي کي سندس شاگردن بہ قبول ڪيو. ۽ ارنيسٽ جونز، وليم شيڪسپيئر جي جڳ مشهور ڊرامي ”هيمليٽ“ جو نفسياتي اڀياس ڪندي، هيمليٽ جي ڪردار جي تحليل نفسي ڪئي ۽ ڪردار جي شخصيت ذريعي شيڪسپيئر جي شخصيت ۾ ايڊيپس مونجهاري هئڻ جي تلاش ڪئي.

اهڙو ئي مونجهارو ڇوڪرين ۾ پڻ هوندو آهي پر چاڪاڻ تہ عورت دنيا جي هر سماج ۾ بااختيار نہ آهي ۽ هوءَ پنهنجي ذهني لاڙن ۽ مونجهارن کي ڪنهن بہ طريقي سان اظهار هيٺ آڻي ناهي سگهندي تنهنڪري اهو سندس شعوري سطح تي عموماً گهٽ اڀري سگهندو آهي. ڇوڪرين ۾ اهڙي مونجهاري کي اليڪٽرا مونجهارو (Electra Complex) چيو ويندو آهي.

## ← نرگسيت : Narcissism

نرگسيت (Narcissism)، علم نفسيات جو هڪ خاص اصطلاح آهي. هن جو اهو نالو ۽ مفهوم هڪ قديم يوناني ديومالائي قصي تان ورتل آهي، جنهن مطابق قديم يونان ۾ Narcissus (نرگس) نالي هڪ خوبصورت نوجوان رهندو هو، جيڪو درياهہ جي ديوتا Cephissus جو پٽ هو. نرگس کي پنهنجي سونهن تي گهڻو ناز هوندو هو. ڪيترين ئي حسين عورتون سندس عشق ۾ مبتلا هيون پر هن ڪڏهن بہ ڪنهن عورت جي محبت کي قبول نہ ڪيو. ڪيس چاهيندڙن ۾ هڪ خوبصورت عورت ايڪو (Echo) پڻ هئي. ايڪو گهڻا ئي حيلا وسيلا هلائي نرگس کي پاڻ ڏانهن مائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر هُن ايڪو طرف ڪو ڌيان ئي نہ ڏنو. ايڪو، نرگس جي ان مغرور رويي ۽ سندس دل ٽٽڻ جي دانهن نيميسس ديوي (Nemesis)کي ڏني، جنهن نرگس جي غرور کي ٽوڙڻ ۽ ڪيس سزا ڏيڻ لاءِ، ڪيس پنهنجي ئي محبت ۾ گرفتار ڪري ڇڏيو. ان ڪان پوءِ نرگس هر وقت نديءَ جي ڪناري تي ويهي، پاڻيءَ ۾ پنهنجو پاڻ کي ڏسندو رهندو هو. پنهنجو پاڻ کي پسڻ واري انهيءَ لڳاتار عمل ڪري ئي هو هڪ ڏينهن نديءَ جي ڪناري تي ئي مري ويو. سندس موت کي يادگار ۽ ٻين لاءِ مثال بنائڻ لاءِ ديويءَ ڪيس گل جي روپ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح هڪ نئين گل ”نرگس“ (Narcissus) جو وجود پيو، جيڪو اڪثر ندين ۽ ڍنڍن جي

ڪنارن تي ڦٿندو آهي ۽ ان جا گل پاڻيءَ طرف جهڪي ٽڙندا آهن. ائين جيئن آبي آرسيءَ ۾ پاڻ پسي رهيا هجن!

اهو هو نرگس جي گل بابت يوناني ڏند ڪٿائي قصو، جتان لفظ نرگسيت (Narcissism) کي کڻي سگمنڊ فرائيڊ ساڳئي مفهوم ۾ هڪ نفسياتي اصطلاح طور رائج ڪيو. نرگسيت هڪ وسيع معنيٰ ڏيندڙ اصطلاح آهي، جيڪو نه صرف خالص نفسياتي آهي بلڪ سماجياتي ۽ ادبي پڻ آهي. تنهنڪري نرگسيت کي صحيح معنيٰ ۾ سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته ان جي مختلف سمجهاڻين کي پڻ پيش ڪيو وڃي.

## نرگسيت جي نفسياتي سمجهاڻي :

فرائيڊ پنهنجي هڪ مضمون Narcissism - An Introduction ۾ نرگسيت جي وضاحت فرد جي پنهنجي وجود سان لاڳاپيل محبت طور ڪئي آهي، جيڪا فطري طور تي هر انسان ۾ جنم وٺندي آهي. فرائيڊ پنهنجي مضمون ۾ ان ڳالهه بابت ڪيترائي دليل پيش ڪيا آهن ته نرگسيت، لبيڊو (Libido) جي پيداوار آهي. هيءَ اها خواهش ۽ طاقت آهي جيڪا انساني جبلتن کي جياري ٿي.

فرائيڊ نرگسيت کي انساني شخصيت جي تشڪيل ۽ تخليقي صلاحيتن جو حرڪي قوت سڏيو آهي. فرائيڊ جڏهن انساني شخصيت ۾ نفسي ۽ جنسي رجحانن ۽ لاشعوري محرڪن جي ڳولا ڪندي فرد جي پنهنجي ذات سان لاڳاپيل محبت تائين پهتو ته هن نرگسيت کي سندس ساڳئي نالي ۽ مفهوم ۾ استعمال ڪيو. نرگسيت سگمنڊ فرائيڊ جي ”تحليل نفسي“ واري نظريي ۾ پڻ شامل آهي.

”جيتوڻيڪ فرائيڊ کان پوءِ جي نفسياتدانن به ان تي خاص روشني وڌي پر فرائيڊ جون لکڻيون اڄ به اهم آهن ڇاڪاڻ ته انهن مان نرگسيت جو جنسي ۽ جذباتي بنياد ظاهر ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ نرگسيت جي اصطلاح کي پنهنجي محبت ۾ گرفتار هجڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي پر تحليل نفسي ۾ ان جو اساس جنسيت آهي. فرائيڊ جنسي ارتقا جا جيڪي درجا مقرر ڪيا، نرگسيت به انهن مان هڪ آهي. فرائيڊ نرگسيت کي ٻن حصن: ابتدائي ۽ ثانوي ۾ ورهائي، ٻنهي جو خاصيتون بيان ڪيون. ابتدائي نرگسيت جو مرڪز جسم ۽ ان سان لاڳاپيل جنسي ڪيفيتون هونديون آهن.“ (28)

## نرگسيت جي تخليقي عمل سان وابسته سمجهاڻي :

خالص نفسياتي سمجهاڻي جي ڀيٽ ۾ نرگسيت جي تخليقي عمل سان وابسته سمجهاڻي ڪجهه مختلف آهي. نفسياتي سمجهاڻيءَ ۾ نرگسيت جا ٻه قسم: ابتدائي ۽ ثانوي، بيان ڪيل آهن، جن مان ثانوي نرگسيت جو تعلق تخليق سان آهي، جڏهن ته تنقيد ۾ ٻنهي قسمن جو اطلاق ٿيندو آهي.

”ثانوي نرگسيت جو مرڪز جسم نه بلڪ ذهن هوندو آهي ۽ ان جو اظهار ذات جي تڪميل لاءِ مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۽ تخليقي ڪاوشن سان لاڳاپيل فخر ۽ خوشيءَ سان هوندو آهي.“ (29)

فرائيڊ پنهنجي لکڻين ۾ ثانوي ( ذهني) نوعيت جي نرگسيت کي هڪ تخليقي قوت قرار ڏنو آهي. ڏنو وڃي ته هن دنيا ۾هر فرد ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان نرگسي ضرور هوندو آهي. ان احساس جي گهٽ مقدار ۾ موجودگي فرد جي شخصيت تي نمايان انداز ۾ اثر انداز ناهي ٿيندي، جڏهن ته گهڻي انداز ۾ موجودگي فرد کي احساس برتري، تڪبر ۽ پاڻ پٽي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي آهي. البته

هن احساس جي وچٿري موجودگي فرد جي شخصيت تي مثبت انداز ۾ اثر انداز ٿيندي آهي. اها هڪ نفسي تخليقي سگهه جي روپ ۾ ڪنهن فرد کي تخليقي ڪاوشن ذريعي ٻين کان منفرد ۽ ممتاز ڪندي آهي.

شاعر ڪنهن به سماج جا منفرد فرد هوندا آهن. سندن تخليقي عمل ڏانهن مائل ٿيڻ ۽ وڌ ۾ وڌ تخليقي سگهه حاصل ڪرڻ پنيان ٻين ڪيترن ئي داخلي ۽ خارجي محرڪن سان گڏ نرگسي احساسن جو به اهم عمل دخل هوندو آهي، جنهن جي ڪري سندن شاعريءَ مان آسانيءَ سان ڪري سگهجي ٿي. اڪثر شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي ذات جي تعريف کان سواءِ پنهنجي خودداري، جرئت، سچائي، تصوريت، تخليقي خواهش، ٻين کان ڪناره ڪشي ۽ پنهنجي ڪلام جي عظمت کي بيان ڪندا آهن. پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان اهي سڀ نرگسيت جا اظهار آهن.

اردوءَ جو معروف شاعر غالب چوي ٿو ته :

ہیں اور بھی دنیا میں سخن ور بہت اچھے
کہتے ہیں کہ غالب کا ہے انداز بیاں اور

يا جيئن شاهه سائين چيو آهي ته :

جي تو بيت ڀانئيا سي آيتون آهين.

شاعريءَ ۾ خود-ثنائي لازمي نه آهي ته ڪنهن شعوري ڪوشش جي نتيجي ۾ ڪئي وڃي. دراصل اتي فرد جا لاشعوري احساس سندس شعوري وهڪري تي حاوي ٿي ويندا آهن. دنيا جي مختلف نفسياتدانن نرگسيت جي اظهار جا ڪيترائي طريقا ۽ ذريعا ٻڌايا آهن، پر ادب جي نفسياتي تنقيد ڪندڙ نقاد گهڻو ڪري ڇهن عنصرن تحت ادب مان نرگسيت جي ڇنڊڇاڻ ڪندا آهن، جيڪي هي آهن:

ادب (شاعري / نثر) ۾:

- خودداريءَ جو اظهار
- خودپسنديءَ جو اظهار
- محبوبيت جي جذبي جو اظهار
- تخليقي صلاحيت جو اظهار
- تصوريت (Idealism)
- دنيا کان ڪناره ڪشي / دنيا تياڳڻ جو اظهار

## ❷ ڪارل گستاو جُنگ – Carl Gustuv Jung

ڪارل گستاو جنگ (Carl Gustav Jung) 26 جولائي 1875ع تي سوئزرليند جي هڪ ڳوٺ ڪيسيوِل (Kessewil) ۾ پيدا ٿيو.

جنگ کي ننڍي عمر کان ئي ٻولين سکڻ ۽ ادب پڙهڻ جو شوق هو. خاص ڪري پراڻو ادب پڙهڻ ڪيس وڏيڪ پسند هو. ڪيس ٻوليون سکڻ سان به ايتري دلچسپي هئي جو هن ڪيترين ئي يورپي ٻولين کان

سواءِ قديم يوليون جهڙوڪ سنسڪرت پڙ سڪي. جنگ ڪي سوئزرلينڊ جي شهر بيسل (Basel) ۾ هڪ اسڪول ۾ موڪليو ويو. بعد ۾ هن بيسل جي يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽري پڙهي. اتي ئي هڪ معروف ذهني ماهر ڪرافٽ ايبنگ (Krafft Ebing) سان گڏ ڪم ڪرڻ دوران هن سائيڪيٽري (Psychiatry) کي پنهنجي پيشي طور ڪنيو.

ڊاڪٽري جي تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ هن زيورخ جي هڪ نفسياتي اسپتال Burghoeltzli Mental Hospital ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. هن ڪجهه عرصي لاءِ زيورچ جي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائڻ جو ڪم پڻ ڪيو.

جنگ جڏهن علم نفسيات جي ميدان ۾ پير پاتو ته ان وقت سگمنڊ فرائيڊ هن علم جي هڪ ماهر طور دنيا ۾ پنهنجو نالو پيدا ڪري چڪو هو. جنگ، فرائيڊ کان گهڻو متاثر هو تنهنڪري ساڻس ملڻ لاءِ سن 1907ع ۾ ويانا (Vienna) ويو. سندن پهرين ملاقات تقريباً 13 ڪلاڪ هلي. جنگ ته اڳيئي فرائيڊ کان متاثر هو پر هن ملاقات ٻنهي کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي ڇڏيو ۽ ٻئي سنا دوست ٿي ويا.

اڳتي هلي ٻنهي جي وچ ۾ نظرياتي اختلاف پيدا ٿيڻ لڳا، جنهن ڪري جنگ، فرائيڊ کان پنهنجا سپ رستا ڌار ڪري ورتا. ٻي مهاياري لڙائيءَ کان پوءِ جنگ دنيا جو گهڻو سير سفر ڪيو. هو آمريڪا، آفريڪا ۽ هندستان پڻ ويو. سندس وفات 6 جون 1961ع تي زيورخ (Zurich) ۾ ٿي.

## جُنگ جا نظريا

”ڪارل گستاو جُنگ، فرائيڊ جي شروعاتي شاگردن منجهان هڪ هو، جنهن پنهنجي پاران هڪ الڳ نفسياتي مڪتب تعمير ڪيو، جنهن کي هن ”تجرباتي نفسيات“ (Analytical Psychology) ڪري سڏيو. فرائيڊ جيان، جُنگ به لبيڊو (Libido) جي تصور کي استعمال ڪيو، البته هن لبيڊو کي صرف جنسي توانائي جو ذخيرو نه بلڪ انساني نظام جي تخليقي جبلتن، متحرڪن ۽ سيني حرڪي توانائين جو ذخيرو سمجهيو.“ (30)

اينالائيٽيڪل سائيڪالاجي انساني نفس جي گهري اڀياس جو علم آهي، تنهنڪري جُنگ جا نظريا انساني نفسيات جي اڀياس جو وسيع ميدان مهيا ڪن ٿا.

”جيستائين جنگ جي نفسياتي نظرين جو تعلق آهي ته هن ۾ ۽ فرائيڊ ۾ اساسي نوعيت جو سپ کان وڏي اختلاف اهو آهي ته فرائيڊ وٽ تحليل نفسي کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي ۽ باقي نظريا ان منجهان ئي نڪرندڙ شعاعن جيان آهن، پر جنگ وٽ ڪنهن اهڙي مرڪز جي ڪوٽ آهي.“ (31)

اسان هتي جنگ جي ڪجهه وڏيڪ معروف نفسياتي نظرين جو اڀياس ڪنداسين، جن جو اطلاق ڪنهن ادبي تخليق ۽ تخليقڪار جي نفسيات جي پروڙ ڪرڻ سان ڪري سگهجي ٿو.

### ← لاشعور جو نظريو : Theory of Unconscious

”هي جنگ جي مشهور ترين نظرين مان هڪ آهي بلڪ ائين سمجهو ته فرائيڊ لاشعور کي جنهن هنڌ ڇڏيو، جنگ پنهنجي تحقيق جو آغاز انهيءَ هنڌان ئي ڪيو.“ (32)

فرائيڊ جي برعڪس، جنگ جو اهو خيال هو ته صرف ذاتي لاشعور ۽ اجتماعي لاشعور جو ئي وجود آهي. هن قبل شعور يا تحت الشعور جي موجودگيءَ کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو.

”سندس نظرين مطابق، لاشعور ٻن حصن تي مشتمل آهي: ذاتي لاشعور، جيڪو فرد جي انفرادي تجربن جي نتيجن تي مشتمل هوندو آهي: ۽ اجتماعي لاشعور، جيڪو ڪنهن انساني نسل جي تجربن جو ذخيرو هوندو آهي.“ (33)

هتي جُنگ جي سمجهاڻين تحت ذاتي لاشعور ۽ اجتماعي لاشعور کي مختصر نموني سمجهائجي ٿو:

## ■ ذاتي لاشعور : Personal Unconscious

”جنگ جو نظريو نفس کي ٽن حصن ۾ ورهائي ٿو. پهريون حصو آهي ”انا“، جنهنجي سڃاڻپ جُنگ شعور سان ڪرائي. هي ذاتي لاشعور سان واسطو رکي ٿو جنهن ۾ هر اها شيءِ شامل آهي جيڪا موجوده وقت ۾ شعور ۾ موجود نه آهي، پر ٿي سگهي ٿي. “ (34)

جنگ جو اهو خيال هو ته اڻپوريون ۽ دٻايل انساني خواهشون فرد جي شعور مان هميشه لاءِ خارج ٿي وينديون آهن ۽ اهي انا ۽ لاشعور جي وچ ۾ پنهنجو گهر ناهي ويهي رهنديون آهن. انهيءَ وچئين گهر کي جنگ ”ذاتي لاشعور“ جو نالو ڏنو. ذاتي انهيءَ ڪري جو هن ۾ صرف اهي ئي ڳالهيون جاءِ والارينديون آهن جن جو تعلق فرد جي ذات سان هوندو آهي.

”جيڪڏهن ٿوري غور سان جانچجي ته جنگ جو ذاتي لاشعور ۽ فرائيڊ جو لاشعور ٻئي هڪ ئي آهن ڇاڪاڻ ته ٻنهي جي تشڪيل ۾ دٻاءُ ۽ ناخوشگوار حادثن جون پيدا ڪيل يادون ۽ فراموش ڪيل ناڪام خواهشن جو هٿ هوندو آهي.“ (35)

## ■ اجتماعي لاشعور : Collective Unconscious

”بعد ۾ جُنگ نفسيات ۾ هڪ نئين حصي جي شامل هجڻ جو نظريو پيش ڪيو، جيڪو ڪيس ٻين کان ممتاز ڪري ٿو، اهو آهي ”اجتماعي لاشعور“. توهان ان کي نفسياتي موروثيت چئي سگهو ٿا. اهو اسان جي وڏڙن جي ڪيل تجربن جو ذخيرو آهي، اهو هڪ ڄاڻ جو قسم آهي جنهنکي ساڻ کڻي اسان سڀ ڄاوا آهيون. اسان کي ان جو سڌو شعور نه هوندو آهي. اهو اسان جي تجربن، مشاهدن ۽ روين تي پاڻمرادو اثرانداز ٿيندو آهي، خاص طور تي جذباتي ڳالهين ۾...“ (36)

پنهنجي شروعاتي لکتن ۾ جُنگ، پنهنجي پاران وضع ڪيل نئين نظريي کي ”اجتماعي لاشعور“ جي نالي سان پيش ڪيو پر بعد ۾ هن ان کي متائي ”معروضي نفسيات“ (Objective Psyche) جي نالي سان سڏيو. معروضي انهيءَ ڪري جو هي موروثي طور هر فرد کي عام طور حاصل ٿيندي آهي ۽ ان جو تعلق ذاتي تجربن سان نه هوندو آهي.

”اجتماعي لاشعور نفس جو اهو حصو آهي جيڪو ذاتي لاشعور جي بلڪل ابتڙ آهي... ذاتي لاشعور جي تشڪيل تڏهن ٿيندي آهي جڏهن شعور مان ڪي ڳالهيون لاشعور ۾ ڌڪجي وينديون آهن.

پر اجتماعي لاشعور ڪڏهن بہ انفرادي طور حاصل ناهي ٿيندو، بلڪ موروثي طور موجود هوندو آهي... ذاتي لاشعور جو گهڻو حصو مونجهارن تي مشتمل هوندو آهي جڏهن تہ اجتماعي لاشعور جي فهرست ۾ اساسي نقش (Archetypes) شامل هوندا آهن.“ (37)

”اجتماعي لاشعور، انفرادي تجربن کان مٿي ڪنهن نسل، قوم ۽ ملڪ جي انهن خاص رجحانن جو آئينو هوندو اهي جن جي تشڪيل ۾ صديون حصو وٺنديون آهن.“ (38)

”هڪ بار جڏهن ڪنهن نسل ۾ جنم وٺندو آهي تہ حياتياتي ۽ تاريخي لحاظ کان ڪجهہ خاصيتون ۽ صفتون ڪيس ڪنهن خاص نسل سان تعلق رکڻ جي بنياد تي ملنديون آهن. جيئن جيئن اهو وڏو ٿيندو ويندو تہ سندس ذاتي لاشعور سان گڏو گڏ اجتماعي لاشعور جون ڪجهہ خاصيتون بہ سندس شعور ۾ اينديون وينديون.“ (39)

اجتماعي لاشعور چاڪاڻ تہ ڪنهن قوم يا نسل جي صدين تي محيط تاريخ ۾ جڙندو آهي، تنهن ڪري اهو پنهنجي ماهيت جي لحاظ کان تمام گهڻو وسيع هوندو آهي. جنگ هن نظريي ذريعي اهو ثابت ڪيو تہ فرد رڳو پنهنجي ذاتي لاشعور تحت ئي زندگي ناهي گذاريندو بلڪ سندس قوم جا اجتماعي جذبا، احساس ۽ رويا بہ ڪيس ورثي ۾ ملندا آهن، جيڪي سندس شخصيت جي تشڪيل ۾ اوسر ۾ پنهنجي مڪمل ڪردار ادا ڪندا آهن.

## ➔ شخصيت جا مختلف عنصر يا نقش :

ڪارل جُنگ جي نظرياتي تصورن کي ٻن سطحن تي واضح ڪري سگهجي ٿو.

1) انفرادي سطح : The Individual Level

2) آفاقي سطح : The Universal Level

انفرادي سطح تي جيڪي تصور قابل ذڪر آهن، تن ۾ ”روپ“ ۽ ”پاڇولي“ جا تصور اهم آهن. هيٺ انهن جي مختصر وضاحت ڏجي ٿي.

### ■ روپ : Persona

لفظ Persona انگريزي لفظ Personality سان لاڳاپيل آهي ۽ هن جو اصل بنياد لاطيني ٻوليءَ جو هڪ لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”نقاب“.

”روپ“ اهو نقاب آهي جنهن ذريعي هر انسان خارجي دنيا ۾ پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪندو آهي. هن دنيا ۾ رهندڙ هر فرد جا سوين روپ هوندا آهن. هڪ ئي فرد مختلف معروضي حالتن ۽ موقعن جي بنياد تي پنهنجا روپ مٽائيندو آهي. بالا آفيسر جي سامهون هڪ روپ تہ ماتحت ملازمن جي آڏو ٻيو روپ. دوست جي آڏو پنهنجائپ ۽ خلوص وارو روپ تہ دشمن جي آڏو نفرت سان ڀريل روپ، پيڻ جي آڏو محافظ جو روپ تہ محبوبہ جي آڏو غلام وارو روپ، پيءُ جي آڏو فرمانبرداريءَ وارو روپ تہ پنهنجي اولاد آڏو حاڪماڻو روپ... مطلب اهو تہ هر فرد ڪيترن ئي روپن جو مرڪب هوندو آهي. هو مهل ۽ موقعي جي مناسبت سان پنهنجا الڳ الڳ روپ مٽائيندو رهندو آهي.

ڪارل جُنگ جو اهو خيال هو ته هر انسان پنهنجو پاڻ کي پنهنجي اصليت ۾ ظاهر ناهي ڪندو بلڪ پنهنجو پاڻ تي خوبصورت نقش/نقاب ڍڪي پنهنجي شخصيت کي نمودار ڪندو آهي.
”جُنگ، فرائيڊ پاران وضح ڪيل انا ۽ فوق الانا جي فرق کي مسترد ڪيو ۽ هن شخصيت جي هڪ نئين حصي کي متعارف ڪرايو، جيڪو فوق الانا سان هڪجهڙائي رکي ٿو، هن ان کي ”روپ“ (Persona) جو نالو ڏنو.“ (40)

ٿيندو ائين آهي ته فرد پنهنجي شخصيت ۾ موجود جن ڳالهين کي پسند ناهي ڪندو (مهل ۽ موقعي جي مناسبت سان)، انهن کي پنهنجي شعور مان خارج ڪري پاڻ کي ڪنهن پسنديده روپ ۾ پيش ڪندو آهي. اڪثر ماڻهو پنهنجي خوابن ۾ به پاڻ کي انهن روپن ۾ ڏسندا آهن جن کي هو شعوري طور پسند ڪندا آهن.

روپ اجتماعي لاشعور جو اساسي نقش آهي، جنهن ذريعي فرد دنيا کي پنهنجي وجود ۽ شخصيت جو سنو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ پنهنجي پاڻ کي ان روپ ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي جنهن لاءِ هو سماج ۾ پاڻ کي موزون سمجهندو آهي.

فرائيڊ جيان جُنگ جو به اهو خيال هو ته انسان فطري طور تي ٻٽي جنس وارو(Bisexual) آهي. ماءُ جي پيٽ ۾ جڏهن ٻار جو بنياد پوندو آهي ته ان جي ڪا به جنس نه هوندي آهي پر بعد ۾ Hormones جي اثر ڪري ان جي جنس (نر يا مادي) ٺهندي آهي. پيدائش کان پوءِ به ٻار ڪجهه عرصي تائين جنس جي احساس کان اڻواقف هوندو آهي. جُنگ جي خيال مطابق مرد ۽ عورت جي جنسي بناوٽ حياتياتي عمل آهي پر نفسياتي سطح تي هر انسان ٻنهي جو مرڪب هوندو آهي. هڪ مرد ۾ عورتاڻيون خاصيتون به هونديون آهن ته وري هڪ عورت ۾ مرداڻيون خاصيتون به هونديون آهن. انهيءَ خيال جي بنياد تي هن روپ کي ٻن مختلف قسمن: اينيما ۽ اينيمس ۾ ورهائي پيش ڪيو.

<u>اينيما (Anima)</u>: ڪنهن مرد جي اجتماعي لاشعور ۾ عورتاڻن عنصرن کي اينيما سڏبو آهي. اڪثر مردن جو ذهني لاڙو عورتن طرف محض جنسي بنياد تي نه بلڪ پنهنجي داخلي مخالف جنسي عنصرن جي ڪري هوندو آهي. گهڻ مردن جا رويا، سوچون، جذبا ۽ عمل اهڙي قسم جا هوندا آهن جيڪي عام طور تي سماج ۾ عورتن لاءِ مخصوص هوندا آهن. اهو مرد جو عورتاڻو روپ آهي.

<u>اينيمس (Animus)</u>: ڪنهن عورت جي اجتماعي لاشعور ۾ مرداڻن عنصرن کي اينيمس سڏبو آهي. اينيمس عورت جو مرداڻو روپ آهي.

## ■ <u>پاڇولو</u> : Shadow

ڪو به فرد جن ڳالهين کي پسند ڪندو آهي، انهن کي ته هو پنهنجي شعور ۾ رکي روپ ذريعي اظهار ۾ آڻيندو آهي، پر جيڪي ڳالهيون فرد جي انا لاءِ ناقابل قبول يا غير پسنديده هونديون آهن، تن کي هو شعور مان ڪڍي ذاتي لاشعور ڏانهن ڌڪي ڇڏيندو آهي. ڪنهن به فرد وٽ اهڙين ڳالهين جو ذاتي لاشعور ڏانهن ڌڪجڻ وارو عمل هميشه جاري رهندو آهي. جڏهن ذاتي لاشعور ۾ انهن ناپسنديده عنصرن جي گهڻائي ٿي ويندي آهي ته ذاتي لاشعور سگهارو ٿي پوندو آهي ۽ اهي ڌڪاريل عنصر شعور تي حملو ڪرڻ لاءِ هميشه موقعي جي تلاش ۾ رهندا آهن. فرد جي شخصيت جا اهي

لڪايل ڪمزور ۽ ناپسنديده پهلو سندس شعور ۾ شخصيت تي منفي اثر مرتب ڪندا آهن، جن کي جُنگ ”پاڇولن“ جو نالو ڏنو.

ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي ته اسان کان ڪا وڏي غلطي يا احمقاڻي حرڪت اوچتو ٿي ويندي آهي ۽ اسان بعد ۾ سوچيندا آهيون ته اها ڪيئن ٿي. دراصل اهڙا عمل شخصيت جي لڪيل پاڇولن جي ڪري ئي ٿيندا آهن، جن کي اسان شعوري حالت ۾ همشه دٻائڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون پر ڪڏهن ڪڏهن معروضي حالتن جي پيش نظر اهي ايترا سگهارا ٿي ويندا آهن جو اسان جي شعور کي دٻائي پاڻ نروار ٿي ويندا آهن.

”جيتوڻيڪ پاڇولو شخصيت جي منفي رجحانن جي عڪاسي ڪري ٿو پر ان کي دٻائڻ وڌيڪ خطرناڪ آهي. جيڪڏهن ان کي زندگيءَ جي عام حالتن ۾ اظهار جو ٿورڙو موقعو به ملندو رهي ته ان جي نقصان رسائڻ واري سگهه ۾ ڪمي رهندي آهي. پر مستقل طور ان کي دٻائي رکڻ جي صورت ۾ ان جو اظهار ڪنهن سيلاب جي صورت اختيار ڪري وٺندو آهي. جئين فسادن ۾ ٿيندو آهي، جتي پرامن ماڻهو به گهٽا منتشر ٿي پوندا آهن.“ (41)

آفاقي سطح تي جُنگ جا جيڪي نظرياتي تصور اسان کي ملن ٿا، تن ۾ ”اساسي نقشن“ کي خاص اهميت حاصل آهي. هيٺ ان جي وضاحت ڪجي ٿي.

## ➔ اساسي نقش : Archetypes

اجتماعي لاشعور ۾ ڪنهن قوم يا نسل جون جيڪي اجتماعي ڳالهيون شامل هونديون آهن، جُنگ انهن کي ”اساسي نقش“ (Archetypes) جي نالي سان سڏيو. اسان جي قديم ابن ڏاڏن جون خواهشون، خوف، خوشيون، احساس، جذبا، خطرا، ڏک وغيره سڀ اساسي نقش آهن، جيڪي اجتماعي لاشعور جي ذريعي فرد کي ورثي ۾ ملندا آهن.

پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان اساسي نقش لاشعوري هوندا آهن. اساسي نقشن کي Primordial Images به چئبو آهي. هي اجتماعي لاشعور جو ذخيرو هوندا آهن جيڪي ڪنهن فرد جي شخصيت جي تشڪيل ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن.

”اساسي نقش قديم سوچ جا انداز هوندا آهي جيڪي فطري نظامن ۽ ديومالائي تصورن جهڙوڪ: خدا ۽ شيطان، پريون ۽ بلائون وغيره ڏانهن مائل ڪندا آهن. ٻار جا ماءُ ۽ پيءُ به اساسي نقشن جو ڪم سرانجام ڏيندا آهن.“ (42)

## ❸ ايلفريڊ ايڊلر – Alfred Adler

ايلفريڊ ايڊلر، آسٽريا جي شهر ويانا (Vienna) ۾ 7 فيبروري 1870ع ۾ تي هڪ يهودي تاجر جي گهر ۾ پيدا ٿيو. ايڊلر پنهنجي ننڍپڻ ۾ ٻين معمولي شاگردن جيان هو. هن ننڍي هوندي ئي طبيب ٿيڻ جو سعيو ڪري ورتو. ڪيس رانديون ڪيڏڻ سان خاص دلچسپي هئي.

ايڊلر 1895ع ۾ ويانا جي يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽري جي ڊگري حاصل ڪئي. بعد ۾ هن اتي

ئي پنهنجي پيشيوارانٽي زندگيءَ جي شروعات ڪئي، جتي ڪجهه ئي عرصي ۾ هو عضوي ڪمترين جي علاج لاءِ مشهور ٿي ويو.

فرائيڊ انهيءَ دور ۾ ويانا ۾ نفسياتي بيمارين جي علاج ۽ پنهنجي نظرين بابت ليڪچر ڏيندو هو. ايڊلر 1907ع کان فرائيڊ جا ليڪچر ٻڌڻ شروع ڪيا، جنهن کان پوءِ هن عضوي ڪمترين (Organic Inferiorities) بابت مضمون لکڻ شروع ڪيا. جيتوڻيڪ هو فرائيڊ جي شاگردن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو پر هن ڪجهه ڳالهين ۾ فرائيڊ ۽ ڄُنگ جي نظرين سان سخت اختلاف راءِ رکيو. هن احساس ڪمتري (Inferiority Complex) کي انساني زندگيءَ جي بنيادي محرڪ طور پيش ڪيو جيڪو فرائيڊ جي تعليم جي بلڪل مخالف نظريو هو. انهن نظرياتي اختلافن جي ڪري سندس ۽ فرائيڊ جي وچ ۾ ذاتي نوعيت جي اختلافن پڻ جنم ورتو.

1911ع ۾ هن پنهنجي پاران هڪ الڳ نفسياتي تنظيم Society for Free Psychoanalysis جو بنياد وڌو. 28 مئي 1937ع تي آمريڪا جي Aberdeen University ۾ ليڪچر ڏيڻ دوران ڪيس دل جو دورو پيو ۽ هو وفات ڪري ويو.

## ايڊلر جا نظريا

ڪارل ڄُنگ جيان ايلفريڊ ايڊلر وٽ به ڪنهن مرڪزيت جو فقدان آهن پر سندس نظريا نه صرف نفسياتي علم ۾ بلڪ ٻين سماجي علمن ۾ به خاص اهميت رکن ٿا، چاڪاڻ ته سندس نفسياتي نظرين جو لاڙو گهڻي قدر سماج جي طرف آهي، باوجود انهيءَ جي جو سندس نظريا انفرادي نفسيات بابت آهن.

ايڊلر جا هونئن ته گهڻائي نظريا آهن پر هن مختصر مقالي ۾ سندس سڀني نظرين تي بحث نه ٿو ڪري سگهجي ۽ نه ئي وري سڀئي نظريا مقالي جي موضوع سان وابسته آهن، تنهنڪري سندس چند اهم نظرين کي پيش ڪجي ٿو، جيڪي اڳتي شاهه لطيف جي شخصيت ۽ سندس فن جي اڀياس ۾ مددگار ثابت ٿيندا.

”نفسيات جو اهم ترين مسئلو اهو آهي ته شخصيت جي تشڪيل ۾ نسلي وراثت وڌيڪ اهم ڪردار ادا ڪندي آهي يا ماحول!“ (43)

ايڊلر هڪ ئي قوت کي انسان جي شخصيت جي تشڪيل جو محرڪ قرار ڏنو، جيڪا فرد کي پنهنجي ذات کي مڪمل ڪرڻ لاءِ اتساهيندي آهي. ايڊلر جو بنيادي تصور اهو هو ته :

Fundamental drive in life is the desire for power. يعني ته زندگيءَ جو بنيادي محرڪ طاقت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش آهي. ان عمل کي هن ”تڪميل“ يا ”پورائيءَ جي ڪوشش“ (striving for perfection) سڏيو.

”هن خيال جي بنياد تي ايڊلر احساس ڪمتريءَ (Inferiority Complex) وارو نظريو ڏنو.“ (44)

### ➔ احساس ڪمتري : Inferiority Complex

”هن نظريي مطابق هر ماڻهوءَ ۾ ڪا ازلي ڪوٺ آهي، جنهن جي پورائي لاءِ هو لڪائيندو رهندو آهي. ڪانهُ ڪا ڳالهه، ڪو هنر، ڪو فن، ڪا تخليق ڪري پنهنجي اندر جي ڪوٺ ڪي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.“ (45)

ايڊلر احساس ڪمتريءَ کي ٻن حصن: بنيادي ۽ ثانوي ۾ تقسيم ڪيو. بنيادي احساس ڪمتري ٻار ۾ پنهنجي ننڍپڻ ۾ پنهنجي وڏڙن جي ڀيٽ ۾ جسماني ڪمزوري جي تجربن ذريعي پيدا ٿيندو آهي، جڏهن ته ثانوي احساس وري فرد ۾ تڏهن جنم وٺندو آهي جڏهن سندس لاشعوري خواهشن جي تڪميل عمل ۾ نه اچي سگهندي آهي. ان لاشعور جي تعمير سندس ننڍپڻ جي احساس ڪمتريءَ جي پاڇي ۾ ٿيل هوندي آهي.

ايڊلر مطابق فرد پنهنجي انهيءَ اندر جي اڻپورائيءَ کي پرڻ لاءِ تاحيات ڪوشان رهندو آهي. هو پنهنجي وجود کي مڪمل ڪرڻ خاطر جسماني، معاشي، سماجي، سياسي طاقت کي حاصل ڪرڻ جا جتن ڪندو رهندو آهي. جيتوڻيڪ اهو احساس فرد سان گڏ جنم وٺندو آهي ۽ تاحيات قائم رهندو آهي پر فرد جيتري قدر تي سگهندو آهي، ان احساس کان پاڻ کي ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندو آهي.

ايڊلر جي هن نظريي جو اطلاق ادبي تنقيد تي به ڪيو ويندو آهي.

”هن نظريي مطابق جڏهن ڪوبه تخليق ڪار تخليق ڪري ٿو ته دراصل هو پنهنجي اندر جي احساس ڪمتري مان جان ڇڏائڻ چاهي ٿو، جيئن پنهنجي وجود جون محروميون ۽ خواهشون ناآسودگيون اديب پنهنجي ڪردارن ذريعي خيالن جي دنيا ۾ پوريون ڪندو آهي ۽ ساڳي وقت اديب جي ذات جو اظهار سندس ناموس ۽ تعريف سندس انهيءَ ڪوٺ کي پورو ڪندي آهي.“ (46)

## ڪجهه وڌيڪ نفسياتي ادبي اصطلاحن جي سمجهاڻيون :

ڪجهه نظريا ۽ ادبي اصطلاح اهڙا آهن، جن جو تعلق جيتوڻيڪ نفسياتي اڀياس سان آهي ۽ انهن جو استعمال هن مقالي ۾ پڻ ڪيل آهي، پر چاڪاڻ ته اهي فرائيڊ، ڄُنگ يا ايڊلر جا وضح ڪيل نه آهي تنهنڪري مٿي بيان نه ڪيا ويا آهن. اهڙن اصطلاحن جي مختصر سمجهاڻي هتي ڏجي ٿي.

### ← ”تخليقي لاشعور“: ڊاڪٽر هانس شانس

ڊاڪٽر هانس شانس، فرائيڊ جي شروعاتي شاگردن ۽ ويجهن دوستن منجهان هڪ هو. هو تحليل نفسيءَ جو ماهر هو ۽ پنهنجي عمر جو ڊگهو عرصو تحليل نفسيءَ تي تحقيق ۽ ان جي ترقيءَ جي ڪوششن ۾ گذاريائين. هن 1944ع ۾ فرائيڊ جي سوانح عمري “Freud: Master and Friend” جي نالي سان لکي.

ڊاڪٽر هانس شاس جو سڀ کان اهم ڪم لاشعور جي تخليقي اهميت کي اجاگر ڪرڻ آهي. ان ڏس ۾ فرائيڊ جيتوڻيڪ اڳ ۾ ئي لکي چڪو هو پر ڊاڪٽر هانس پنهنجي تحقيق ذريعي وڌيڪ روشني وڌي ۽ ڪجهه نوان پهلو به منظر عام تي آندا.

”هانس شاس لاشعور، خوابن جي علامتن، جاڳ جي خوابن ۽ فينٽسي جي نفسياتي اهميت کي اجاگر ڪندي انهن جي تخليقي عمل سان گهري رابطي کي متعين ڪيو. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو تہ تخليقي ڪاوشن کي خوابن ۽ انهن جي علامتن لاءِ خام مواد مهيا ڪندڙ عنصرن کان الڳ ڪري انهن جو اڀياس ممڪن نہ آهي.“ (47)

جاڳ جا خواب مان مراد آهي اهي خيال ۽ تصور جيڪي فرد جاڳندي وقت سوچيندو رهندو آهي. عام طور تي انهن کي ”خيالي پلاءُ“ پڻ چيو ويندو آهي. انگريزيءَ ۾ ان کي Daydreaming چئبو آهي. هانس شاس جو اهو خيال هو تہ لاشعور ۽ خوابن کان سواءِ اهڙن خواب جو پڻ تخليقي عمل سان گهرو تعلق هوندو آهي.

انساني سوچن، تصورن ۽ تخليقي عملن جو اصل گهر لاشعور آهي، جيڪو اظهار حاصل ڪرڻ لاءِ هميشہ بيتاب رهندو آهي. ڪن ماڻهن کي خوابن جي ذريعي لاشعوري احساسن تحت تسڪين حاصل ٿيندي آهي تہ ڪي وري ادب جي تخليق ذريعي تسڪين حاصل ڪندا آهن ۽ ڪي ماڻهو وري جاڳيل حالت ۾ گهڻو وقت خيالي پلاءُ پچائيندا رهندا آهن. اهي ٽئي عمل دراصل لاشعور جي اظهار جا ذريعا آهن، پر انهن ٽنهي جي نوعيتن ۽ مقصدن ۾ گهڻو فرق هوندو آهي. خواب تہ خواب آهي، ان ۾ ڪنهن بہ شعوري ڪوشش جو عمل دخل نہ هوندو آهي. البتہ ادب جي تخليق ۽ جاڳ جا خواب هڪبئي سان نوعيت جي لحاظ کان هڪجهڙائي رکن ٿا پر سندس مقصد ۾ پوءِ بہ گهڻو فرق هوندو آهي.

جاڳ جا خواب يا خيالي پلاءُ پچائڻ جو تعلق صرف فرد جي ذاتي تسڪين سان هوندو آهي، ان جو ڪوبہ سماجي مقصد ناهي هوندو. جڏهن تہ ادب، اديب جي ذاتي تسڪين کان سواءِ پنهنجا ڪي سماجي مقصد بہ رکندو آهي، ٿورا يا گهڻا، پر ان جي سماجي مقصدن کي نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهجي.

”هانس شاس ادبي تخليقن جي اثر انگيزيءَ ۾ انهن جي هيئت تي گهڻو زور ڏنو. ايترو ئي نہ بلڪ هن ان کي خارجي ۽ داخلي ۾ تقسيم ڪري انهن جي نفسياتي اهميت بہ اجاگر ڪئي.“ (48)

## ← ”تخليقڪار جي مريضاڻي شخصيت“ : ايڊمنڊ ولسن

آمريڪي اديب، تاريخ ۽ نقاد ايڊمنڊ ولسن (Edmund Wilson 1895-1972) جي شهرت جو سبب سندس مشهور ڪتاب ”The wound and the bow“ آهي جيڪو ڪتابي صورت ۾ سن 1941ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب ۾ ولسن جا مختلف وقتن ۾ ڇپيل ڪيترائي مقالا ۽ مضمون شامل آهن. سندس ڪتاب ۾ نفسيات کان سواءِ سياست، تاريخ ۽ اقتصاديات بابت مضمون پڻ آهي. ولسن هوندئن تہ گهڻن پهلوئن کان انگريزي ادب ۾ شهرت رکي ٿو پر هڪ نقاد جي حيثيت سان سندس شهرت جو اصل سبب سندس مقالو ”Philotetes: the wound and the bow“ آهي، جنهن ۾ هن تخليقڪار جي مريضاڻي شخصيت جو نظريو پيش ڪيو.

هن مقالي ذريعي ولسن اها ڳالهہ پيش ڪئي تہ ڪوبہ تخليقڪار دراصل بيمار يا ائبنارمل (Abnormal) شخص هوندو آهي، جيڪو پنهنجي بيمار شخصيت ۾ سدارو آڻڻ لاءِ تخليق ڪندو آهي. ولسن پنهنجي هن نئين ۽ چرڪائيندڙ نظريي کي ثابت ڪرڻ لاءِ قبل مسيح واري دور جي هڪ ناليواري يوناني ڊراما نويس سوفوڪليز Sophocles (406-496 ق.م) جي مشهور

ڊرامي”فلوڪٽيٽس“ (Philoctetes) جو نفسياتي تجزيو ڪري تخليقڪار جي ائبنارملٽيءَ جي ان جي تخليق سان تعلق کي اجاگر ڪيو.

هن ڊرامي جي ڪهاڻي يوناني ڏند ڪٿائن تي ٻڌل آهي. يوناني ڏند ڪٿائن مطابق فلوڪٽيٽس يوناني ديوتا ۽ جنگجو سورمي ”هرڪيوليس“ (Hercules) جو دوست هو، جنهن کيس پنهنجو طلسمي ۽ زهريلو تير ڪمان ڏنو هو. ڊرامي جي ڪهاڻي هن ريت آهي ته :

يوناني فوج ٽرائي جي جنگ لاءِ وڃي رهي آهي. فوجي لشڪر ۾ فلوڪٽيٽس به آهي، جيڪو سڄي لشڪر ۾ واحد تيرانداز آهي. ڪيس رستي ۾ نانگ ڏنگي ٿو جنهنڪري سندس پير ۾ زخم ٿي ٿو پوي. اهو زخم ڪجھ ڏينهن ۾ ايترو ته گهرو ٿي وڃي ٿو جو فلوڪٽيٽس لاءِ روڳ ۽ ان منجهان نڪرندڙ ڌپ ٻين فوجي سپاهين لاءِ ناقابل برداشت ٿيو پوي. ان سڄي صورتحال جي ڪري ڪيس هڪ غيرآباد ٻيٽ Lemnos تي اڪيلو ڇڏيو وڃي ٿو، جتي هو ڏھ سال اذيت ناڪ زندگي گذاري ٿو. ان دوران باقي فوج جنگي عمل ۾ مصروف رهي ٿي. جنگ جي آخري سال ۾ آخر هڪ وقت اهڙو ٿو اچي جو جنگ ڪٽڻ يا هارائڻ جو فيصلو تيراندازيءَ ذريعي ٿيڻ تي اچي ٿو بيهي. نجومي اها ڳالھ يوناني فوج تي واضح ڪن ٿا ته اُهي تيستائين جنگ ڪٽي نه سگهندا جيستائين هرڪيوليس جي ڏنل تيرن جو استعمال نه ڪندا. اهي تير ڪمان ۽ انهن کي هلائڻ جي سگهھ ڇاڪاڻ ته صرف فلوڪٽيٽس وٽ هئي تنهنڪري فوج جو سپهه سالار ڪيس پرچائي وٺي اچڻ لاءِ ماڻهو ٿو موڪلي. آخر هو اچي ٿو ۽ سندس طلسماتي تيراندازيءَ جي ڪري يوناني فوج جنگ ڪٽي ٿي وٺي.

فلوڪٽيٽس تير هلائي نه صرف فوج کي جنگ ڪٽرائڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو بلڪ اهو عمل سندس پنهنجي ناسور ٻڻيل زخم کي ڀرڻ لاءِ پڻ مرهم ثابت ٿئي ٿو. هوجيئن جيئن تير هلائيندو رهي ٿو سندس زخم ۾ بهتري ٿي اچي ۽ نيٺ هو مڪمل طور صحتياب ٿي ٿو وڃي.

ايڊمنڊ ولسن هن ڊرامي جي نفسياتي تشريح هن ريت ڪئي ته پير جو زخم تخليقڪار جي ائبنارملٽي يا اعصابي خلل آهي. ڪمان سندس فن ۽ تير اندازي سندس تخليقي جوهر آهي. جڏهن تخليقڪار تخليقي عمل مان گذرندو آهي ته سندس ائبنارملٽي ۽ اعصابي خلل نيڪ ٿي ويندو آهي. تخليقي جوهر ذريعي ڪامياب تخليقي عمل جي پڄاڻي دراصل تخليقڪار جي مريضاڻي شخصيت جي لاءِ به نفسي فائدن جو سبب ٻڻبي آهي.

ڊرامي جو مثال ۽ ان جي نفسياتي تشريح ڪري ولسن اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته اديب درحقيقت ذهني ناچاڪ ماڻهو هوندا آهن، پر جڏهن ڪين سندن صلاحيتن جو احساس ٿيندو آهي يا ڪنهن طريقي سان محسوس ڪرايو ويندو آهي ته انهن صلاحيتن جو تخليقي استعمال سندن مريضاڻي شخصيت کي چاڪ ڪرڻ جوسبب ٻڻبو آهي.

■

نوٽ : هي مقالو شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي پاران شايع ٿيندڙ ٽماهي تحقيقي جرنل ”ڪلاچي“ جي مارچ 2008ع واري شماري ۾ ڇپجي چڪو آهي. پڙهندڙ دوستن کي اها گذارش

ڪجي ٿي ته هن مقالي مان ڪو به مواد اڻ سڌيءَ طرح ڪٽڻ بجاءِ ڪلاچيءَ جي مارچ 2008ع واري شماري مان حوالي طور ڪٽڻ.
پڙهندڙن وٽان ڪنهن به قسم جي تنقيد يا راءِ جي آجيان ڪئي ويندي... مهرباني

## حوالا:


1. **صابر حسین خان، ڈاکٹر، "قوس قزح آگہی"، ص: 3**
2. **ایضاً**
3. http://news.bbc.co.uk/sportacademy/bsp/hi/in_the_gym/jargon_guide/html/default.stm
4. **سلیم اختر، ڈاکٹر، "مغرب میں نفسیاتی تنقید"، سنگ میل پبلی کیشنز، لاهور، 1998ء، ص: 32**
5. **ایضاً ، ص: 34**
6. **ایضاً ، ص: 36**
7. **ایضاً ، ص: 37**
8. **سلیم اختر، ڈاکٹر، "تین بڑے نفسیاتدان"، سنگ میل پبلی کیشنز، لاهور، 2006ء، ص: 55**
9. **ایضاً ، ص: 56**
10. **ایضاً ، ص: 56**
11. http://changingminds.org/explanations/personality/freud_personality.htm
12. **سلیم اختر، ڈاکٹر، "تین بڑے نفسیاتدان"، سنگ میل پبلی کیشنز، لاهور، 2006ء، ص: 56**
13. **حزب الله، "تحلیل نفسی"، ص: 96-95**
14. http://allpsych.com/psychology101/ego.html
15. **سلیم اختر، ڈاکٹر، "تین بڑے نفسیاتدان"، سنگ میل پبلی کیشنز، لاهور، 2006ء، ص: 58**
16. **ایضاً ، ص: 59**
17. Microsoft Encarta Encyclopedia 2006 (CD Edition)
18. http://allpsych.com/psychology101/ego.html
19. http://allpsych.com/psychology101/ego.html
20. **سلیم اختر، ڈاکٹر، "تین بڑے نفسیاتدان"، سنگ میل پبلی کیشنز، لاهور، 2006ء، ص: 65**
21. http://changingminds.org/explanations/personality/freud_personality.htm
22. http://allpsych.com/psychology101/ego.html
23. http://changingminds.org/explanations/personality/freud_personality.htm
24. http://allpsych.com/psychology101/ego.html
25. http://changingminds.org/explanations/personality/freud_personality.htm
26. http://allpsych.com/psychology101/ego.html
27. Encyclopedia Britannica 2006 Ultimate Reference Suite (CD Edition)
28. **سلیم اختر، "اقبال کا نفسیاتی مطالعہ"، مکتبہ عالیہ، لاهور، 1977ء، ص: 74-73**
29. **ایضاً**
30. Microsoft Encarta Encyclopedia 2006 (CD Edition)
31. **سلیم اختر، ڈاکٹر، "تین بڑے نفسیاتدان"، سنگ میل پبلی کیشنز، لاهور، 2006ء، ص: 138**
32. **ایضاً ، ص: 139**
33. Microsoft Encarta Encyclopedia 2006 (CD Edition)

34. http://webspace.ship.edu/cgboer/jung.html
35. سليم اختر، ڈاکٹر، "تين بڑے نفسياتدان"، سنگ ميل پبلی کيشنز، لاهور، 2006ء، ص: 140
36. http://webspace.ship.edu/cgboer/jung.html
37. http://cnr.edu/home/bmcmanus/approach.html
38. سليم اختر، ڈاکٹر، "تين بڑے نفسياتدان"، سنگ ميل پبلی کيشنز، لاهور، 2006ء، ص: 141
39. ايضاً.
40. Microsoft Encarta Encyclopedia 2006 (CD Edition)
41. Microsoft Encarta Encyclopedia 2006 (CD Edition)
42. سليم اختر، ڈاکٹر، "تين بڑے نفسياتدان"، سنگ ميل پبلی کيشنز، لاهور، 2006ء، ص: 164
43. ايضاً، ص: 191
44. ميمڻ غفور، ڊاڪٽر، "ادب جي نفسياتي تنقيد"، ڪلاچي تحقيقي جرنل، جلد نائون، مارچ 2006ع، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ص: 62
45. ساڳيو.
46. ساڳيو
47. سليم اختر، ڈاکٹر، "مغرب ميں نفسياتی تنقيد"، سنگ ميل پبلی کيشنز، لاهور، 1998ء، ص: 70
48. ايضاً، ص: 72